# ايلاف
# اسلاميات
## چوٿين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابوعبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS ®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



فهرست



| سبق | نمبر |
|---|---|
| **باب پهريون قرآن مجيد ۽ حديث نبوي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 01 |
| 1 ناظره قرآن مجيد | 02 |
| 2 حفظ قرآن مجيد | 03 |
| 3 حفظ ۽ ترجمو | 04 |
| 4 حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 05 |
| 5 دعائون | 06 |
| **باب ٻيو ايمان ۽ عبادتون** | 07 |
| (**الف**) **ايمان** | 08 |
| 1 ملائڪن تي ايمان | 09 |
| 2 آسماني ڪتابن تي ايمان | 10 |
| (**ب**) **عبادتون** | 11 |
| 1 روزو | 12 |
| 2 الله جا حق | 13 |
| 3 قرآن مجيد جي تلاوت | 14 |
| **باب ٽيون سيرت طيبہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 15 |
| 1 وحي نازل ٿيڻ جو واقعو | 16 |
| 2 دعوت تبليغ | 17 |
| 3 حبشہ ڏانهن هجرت (پهرين ۽ ٻئي) | 18 |
| 4 شعب ابي طالب | 19 |
| 5 عام الحزن | 20 |
| 6 طائف جو سفر | 21 |
| **باب چوٿون اخلاق ۽ آداب** | 22 |
| 1 سادگي | 23 |
| 2 مجلس جا آداب | 24 |
| 3 وقت جي پابندي | 25 |

| | |
|---|---|
| **باب پنجون هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهيرِ** | 01 |
| 1 ديانتداري | 02 |
| 2 حقوق العباد (خلق جي خدمت) | 03 |
| 3 وطن سان محبت (ذميواري شهري) | 04 |
| **باب ڇهون هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير** | 05 |
| 1 حضرت ابراهيم عليه السلام | 06 |
| 2 حضرت موسيٰ عليه السلام | 07 |
| 3 حضرت عمر فاروق رضي الله عنه | 08 |
| 4 حضرت عثمان غني رضي الله عنه | 09 |
| **باب ستون اسلامي تعليم ۽ حاضر وقت جون ضرورتون** | 10 |
| 1 صفائي جي ضرورت ۽ اهميت | 11 |
| 2 پاڻي جي اهميت | 12 |




باب پهريون

## قرآن مجيد ۽ حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (الف) ناظره قرآن مجيد

هن درجي ۾ سيپاري 9 کان 18 (ڏهه سيپاره) ناظره قرآن شريف پڙهنداسين.

9 قَالَ الْمَلَاُ
10 وَاعْلَمُوْٓا
11 يَعْتَذِرُوْنَ
12 وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ
13 وَمَآ اُبَرِّئُ
14 رُبَمَا
15 سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ
16 قَالَ اَلَمْ
17 اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ
18 قَدْ اَفْلَحَ

## (ب) حفظ قرآن مجيد

سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝١ فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝٢ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى
طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝٣ فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝٤ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۝٥
الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝٦ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ۝٧

سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۝١ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۝٢ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٣ وَلَآ اَنَا
عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۝٤ وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٥ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۝٦

سُوْرَةُ اللَّهَبِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ۝١ مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ۝٢ سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ
لَهَبٍ ۝٣ وَّامْرَاَتُهٗ ۭ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۝٤ فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۝٥

ڏنل سورتن کي صحيح تلفظ ۽ روانيءَ سان سنئي نموني ياد ڪريو.



## (ج) حفظ ۽ ترجمو

## نماز جا ڪلما

نماز جي حالت ۾ رڪوع جي دوران هي ڪلما 3 دفعا پڙهو.

سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْمِ:

ترجمو: پاڪ آهي منهنجو پالڻهار جيڪو وڏي عظمت وارو آهي.

قومه (رڪوع ڪانپوءِ سڌو ٿي بيهڻ) جي حالت ۾ جيڪي ڪلما پڙهبا آهن اهي هي آهن.

سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنْ حَمِدَهٗ:

ترجمو: الله تعاليٰ ان جو ٻڌو جنهن ان جي تعريف بيان ڪئي.

رَبَّنَا لَكَ الْحَمْدُ:

ترجمو: اي اسان جا رب سڀ تعريفون تنهنجي لاءِ آهن.

سجدي ۾ 3 دفعا هي تسبيح پڙهي ويندي آهي.

سُبْحَانَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى:

ترجمو: پاڪ آهي منهنجو پالڻهار جيڪو وڏي شان وارو آهي.

## (د) حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ

**پيارا ٻارو!**

اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي قول، فعل ۽ جيڪو ڪم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون ٿيو هجي، ڪي حديث چئبو آهي. هن سبق ۾ پنج حديثون ڏنل آهن ۽ انهن جو ترجمو پڻ لکيل آهي.

**پيارا ٻارو!**

هيٺ ڏنل حديثن کي ياد ڪريو ۽ انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهو ۽ ان تي عمل ڪريو.

مَنۡ لَّمۡ يَشۡكُرِ النَّاسَ لَمۡ يَشۡكُرِ اللهَ.

ترجمو: جيڪو شخص ماڻهن جو شڪريو ادا نٿو ڪري اهو الله تعاليٰ جو شڪر به ادا نه ٿو ڪري. (جامع ترمذي حديث:1955)

لَا يَرۡحَمُ اللهُ مَنۡ لَّا يَرۡحَمُ النَّاسَ.

ترجمو: الله تعاليٰ ان تي رحم نه ٿو ڪري جيڪو ماڻهن تي رحم نه ٿو ڪري. (صحيح بخاري حديث:7376)

لَا يَدۡخُلُ الۡجَنَّةَ قَتَّاتٌ.

ترجمو: چغل خور جنت ۾ داخل نه ٿيندو

(صحيح بخاري حديث 6056)

اِنَّ مِنۡ اَحَبِّكُمۡ اِلَيَّ اَحۡسَنَكُمۡ اَخۡلَاقًا

ترجمو: توهان مان اهو ماڻهو منهنجي ويجهو وڌيڪ محبوب آهي جيڪو سٺن اخلاقن وارو آهي. (صحيح بخاري حديث: 13759)

لَا يَدۡخُلُ الۡجَنَّةَ مَنۡ لَّا يَأۡمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ.

ترجمو: اهو شخص جنت ۾ نه ويندو جنهن جو پاڙيسري ان جي ايذاءَ کان محفوظ نه هجي. (صحيح مسلم حديث 172)



## (هه) دعائون

الله تعاليٰ کان مدد طلب ڪرڻ کي دعا چئبو آهي دعا مؤمن جو هٿيار آهي. اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مختلف موقعن تي دعائون پڙهڻ جي ترغيب ڏني آهي.

**سمهڻ جي دعا:**

اَللّٰهُمَّ بِاسۡمِكَ اَمُوۡتُ وَاَحۡيَا

ترجمو: اي الله تنهنجي نالي سان مران ٿو ۽ جيئان ٿو.

(صحيح بخاري 6314)

**جاڳڻ جي دعا:**

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَا اَمَاتَنَا وَاِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ

ترجمو: تمام تعريفون الله لاءِ آهن جنهن اسان کي موت ڏيڻ بعد حياتي بخشي ۽ اسان کي ان جي طرف ئي موٽي وڃڻو آهي.

(صحيح بخاري 6314)

**بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:**

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡخُبُثِ وَالۡخَبَائِثِ

ترجمو: اي الله آءٌ شرير جنن جي برائي کان تنهنجي پناهه گهران ٿو. (صحيح بخاري 142)

**بيت الخلاءِ کان ٻاهر نڪرڻ جي دعا:**

غُفۡرَانَكَ

ترجمو: اي الله آءٌ تنهنجي بخشش چاهيان ٿو. (سنن ابن ماجه 300)

**مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:**

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ لِيۡ اَبۡوَابَ رَحۡمَتِكَ

ترجمو: اي الله منهنجي لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کول.

(سنن ابن ماجه 772)

**مسجد کان ٻاهر نڪرڻ جي دعا:**

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ مِنۡ فَضۡلِكَ وَرَحۡمَتِكَ

ترجمو: اي الله مان توکان تنهنجي فضل جو سوال ڪريان ٿو.

(سنن ابن ماجه 772)

باب ٻيو

# ايمان ۽ عبادتون

## (الف) ايمان (1) ملائڪن تي ايمان

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: ملائڪن تي ايمان آڻڻ جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: ملائڪن تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي ته هن حقيقت کي مڃڻ گهرجي ته ملائڪ الله تعاليٰ جي نوراني مخلوق آهن.

سوال2: ملائڪن جو تعارف پيش ڪريو:

جواب: ملائڪ نوراني مخلوق آهن. اهي نظر نه ٿا اچن پر انهن جو وجود برحق آهي. ملائڪ الله تعاليٰ جو هر حڪم مڃين ٿا. ملائڪ هر وقت الله جي عبادت ۾ مشغول رهن ٿا. الله تعاليٰ بي شمار ملائڪ پيدا ڪيا آهن.

سوال3: چار مشهور ملائڪ ڪهڙا آهن؟

جواب: (1) حضرت جبرائيل عليه السلام
(2) حضرت ميڪائيل عليه السلام
(3) حضرت عزرائيل عليه السلام
(4) حضرت اسرافيل عليه السلام

سوال4: ملائڪن جي طرزِ عمل مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: ملائڪ هر وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رهن ٿا. اسان کي به هر وقت الله جي حڪمن تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ گهٽي کان گهٽي عبادت ڪرڻ گهرجي.



سوال5: ملائڪن جي ذميوارين بابت توهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟

جواب: حضرت جبرائيل عليہ السلام جي ذميواري سڀني نبين سڳورن عليهم السلام تائين الله تعاليٰ جا پيغام پهچائڻ آهي.

حضرت ميڪائيل عليه السلام جي ذميواري برسات ۽ رزق پهچائڻ آهي.

حضرت اسرافيل عليه السلام جي ذميواري صور ڦوڪڻ آهي.

حضرت عزرائيل عليه السلام جي ذميواري انسانن جو روح قبض ڪرڻ آهي.

ان کان سواءِ ڪراماً ڪاتبين، منڪر نڪير ۽ محافظ ملائڪن جون الڳ الڳ ذميواريون آهن.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. ملائڪ الله تعاليٰ جي حڪم تي عمل ڪندا آهن.
2. ملائڪ الله تعاليٰ جي مخلوق آهن.
3. ملائڪن جي تعداد جي ڄاڻ فقط الله تعاليٰ کي آهي.
4. ملائڪ هر وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رهن ٿا.
5. ملائڪ الله تعاليٰ جي حڪم سان انسانن جي حفاظت ڪن ٿا.

3. ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| هن حقيقت کي مڃڻ گهرجي ته | ڪائيندا پيئندا نه آهن. |
| ملائڪ اسان وانگر | ملائڪ الله تعاليٰ جي مخلوق آهن. |
| ملائڪ هر وقت | ان ڪري نظر نه ٿا اچن. |
| ملائڪ نوراني مخلوق آهن | الله جي عبادت ۾ مشغول رهن ٿا. |



## (2) آسماني ڪتابن تي ايمان

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: آسماني ڪتابن مان ڇا مراد آهي؟

جواب: الله تعاليٰ انسانن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ جيڪي ڪتاب نازل ڪيا آهن، انهن کي آسماني ڪتاب چيو ويندو آهي.

سوال2: آسماني ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: آسماني ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي ته انهيءَ حقيقت کي مڃيو وڃي ته الله تعاليٰ انسانن جي هدايت لاءِ پنهنجن نبين ۽ رسولن کي هن دنيا ۾ موڪليو. اهڙي ريت انسانن لاءِ آسماني ڪتاب ۽ صحيفا پڻ نازل ڪيا. انهن ۾ انسانن جي هدايت لاءِ حڪم هئا ته جيئن انسان هدايت حاصل ڪري سگهن.

سوال3: صحيفا ڇا آهن؟

جواب: ڪجهه نبين سڳورن عليهم السلام تي مختصر ڪتاب نازل ڪيا ويا انهن کي صحيفا چيو ويندو آهي.

سوال4: پوين سمورن ڪتابن ۽ آخري ڪتاب قرآن مجيد جا حڪم بيان ڪريو؟

جواب: پويان سمورا ڪتاب ۽ صحيفا برحق آهن ۽ انهن جي تعليم به برحق آهي. آخري ڪتاب قرآن مجيد پوين سمورن ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو. پويان سمورا ڪتاب ۽ صحيفا هڪ مخصوص قوم ۽ علائقي لاءِ هوندا هئا جڏهن ته قرآن مجيد کي قيامت تائين اچڻ وارن سمورن انسانن جي هدايت لاءِ نازل ڪيو ويو آهي.

**سوال5:** قرآن مجيد ڪهڙي نبي تي نازل ڪيو ويو ۽ ڇا هي جامع ڪتاب آهي؟

**جواب:** جي ها قرآن مجيد هڪ جامع ڪتاب آهي هي انساني زندگي جي هر شعبي لاءِ رهنمائي مهيا ڪري ٿو. هن جي حفاظت جو ذمو خود الله پاڪ کنيو آهي. هي آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو آهي. هن قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ اسان تي فرض آهي.

**(2) مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. الله تعاليٰ چار آسماني ڪتاب چئن رسولن تي نازل ڪيا آهن.
2. سمورا آسماني ڪتاب ۽ صحيفا ماڻهن جي هدايت لاءِ نازل ڪيا ويا.
3. قرآن مجيد جي حفاظت جي ذميواري خود الله تعاليٰ کنئي آهي.
4. قرآن مجيد سڀ کان آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو.
5. قرآن مجيد عربي زبان ۾ نازل ٿيو.



**(3) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ انسانن جي هدايت لاءِ | آهي ته هن حقيقت کي مڃيو وڃي ته هي آسماني ڪتاب آهن. |
| آسماني ڪتابن تي ايمان آڻڻ جو مطلب | جيڪي ڪتاب نازل ڪيا انهن کي آسماني ڪتاب چئبو آهي. |
| ڪجھ نبين سڳورن تي صحيفا نازل | نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو. |
| قرآن مجيد الله تعاليٰ جي آخري | آسماني ڪتابن جي تصديق ٿي وئي هاڻي ڪو به نئون ڪتاب نه ايندو. |
| قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ بعد سيني | ڪيا ويا انهن تي ايمان آڻڻ ضروري آهي. |

# (ب) عبادتون

## (1) روزو

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: روزي مان ڇا مراد آهي؟

جواب: روزي مان مراد هي آهي ته عبادت جي نيت سان صبح صادق کان وٺي سج لهڻ تائين کائڻ پيئڻ ۽ ٻين خواهشن کي ڇڏي ڏيڻ جو نالو روزو آهي.

سوال2: روزو ڪنهن تي فرض آهي؟

جواب: روزو هر عاقل ۽ بالغ مسلمان تي فرض آهي.

سوال3: ڇا روزو تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي علامت آهي؟

جواب: جي ها روزو تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي علامت آهي ڇو ته مسلمان روزي جي حالت ۾ هجي ۽ ان سان گڏ ڪو به نه هجي پاڻي ان جي سامهون هجي ڪاڌو به سامهون هجي ڪو ڏسي به نه رهيو هجي پوءِ به پاڻي نه پيئندو نه ئي ڪاڌي کي هٿ به لائيندو. ڇو ته ڪو انسان نه ڏسي ته نه ڏسي پر الله ته ڏسي رهيو آهي. ان کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري چئبو آهي ته مسلمان هرگناهه کان اڳ ۾ اهو سوچي ته منهنجو رب مون کي ڏسي رهيو آهي اعمالنامي ۾ لکجي رهيو آهي ته هميشه نيڪ ۽ پرهيزگار رهندو ۽ جنت جو حقدار بڻجندو.

سوال4: روزي جي جزا الله تعاليٰ خود ڇو ڏيندو؟

جواب: جي ها الله تعاليٰ فرمايو آهي روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جي جزا به مان پاڻ ڏيندس. جيئن ته روزو هڪ اهڙي عبادت آهي جنهن جو علم يا ته روزيدار کي هوندو آهي



يا وري الله تعاليٰ کي. ڪنهن ماڻهو کي اها خبر نه ٿي پئجي سگهي ته هي روزي سان آهي يا جيستائين اهو پاڻ نه ٻئي کي ٻڌائي. ان ڪري جڏهن روزو آهي ئي صرف الله تعاليٰ جي لاءِ ته الله تعاليٰ ان جي جزا يعني ثواب به پنهنجي ذمي رکيو آهي ۽ اهو پاڻ ئي ڏيندو.

سوال5: روزي رکڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟

جواب: روزي رکڻ جا تمام گهڻا فائدا آهن. روزو رکڻ وارو صحتمند رهندو آهي ان جي تصديق سائنس به ڪئي آهي ته روزو رکڻ وارو هميشه صحتمند رهي ٿو. روزيدار گناهن کان بچيل رهي ٿو. روزي رکڻ واري کي اهو احساس ٿي ويندو آهي ته غريبن وٽ جڏهن ڪجهه نه هوندو آهي ته اهي پنهنجي زندگي ڪهڙي طرح بک ۽ اڃ تي گذاريندا آهن. انساني همدردي جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. روزيدار جي دعا قبول ٿيندي آهي. نيڪ ۽ پرهيزگار ٿي ويندو آهي.

(2) **غور سان پڙهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو:**

1. ڇا روزو اسلام جو هڪ رڪن آهي ۽ عبادت به آهي؟ **(ها)**
2. ڇا روزو سج لهڻ سان شروع ٿيندو آهي؟ **(نه)**
3. ڇا روزي جي حالت ۾ پاڻي ۽ ڪاڌو کائي سگهجي ٿو؟ **(نه)**
4. ڇا روزيدارن لاءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو ڪو خاص دروازو آهي جنهن مان صرف روزيدار ئي داخل ٿيندا؟ **(ها)**
5. ڇا رمضان ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 70 دفعا وڌي ويندو آهي؟ **(ها)**
6. ڇا روزو رکڻ سان انسان بيمار ٿي سگهي ٿو؟ **(نه)**

7. ڇا اسان ڄاڻي واڻي رمضان جو هڪ روزو ڇڏي سگهون ٿا؟ (نه)

**(3) مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. دين اسلام جي عمارت پنجن ٿنڀن تي قائم آهي.
2. روزو هڪ عبادت آهي.
3. رمضان شريف ۾ پوري مهيني جا روزا رکڻ فرض آهن.
4. رمضان شريف جي مهيني ۾ شيطان کي قيد ڪيو ويندو آهي.
5. روزو صبح صادق يعني سحري کان شروع ٿي ويندو آهي.
6. روزو شام جو سج لهڻ يعني سانجهي جي وقت ختم ٿي ويندو آهي.
7. روزو متقي ۽ پرهيزگارن جي علامت آهي.
8. روزو رکڻ سان انسان گناهن کان بچيل رهي ٿو.
9. رمضان ۾ هڪ نيڪي جو ثواب ستر دفعا وڌي وڃي ٿو.
10. روزيدارجي دعا قبول ٿيندي آهي.

**4. ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| روزو الله تعاليٰ | بالغ مسلمان تي فرض آهي. |
| روزو هر عاقل ۽ | جي هڪ عبادت آهي. |
| روزو رکڻ وارو الله تعاليٰ جي | پسنديده ٻانهن ۾ شامل ٿي ويندو آهي. |
| روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ | ويجهو متقي ۽ پرهيزگار آهي. |
| روزيدار الله تعاليٰ جي | ان جي جزا مان پاڻ ڏيندس. |



**(5) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. جهڙي طرح نماز ، حج، زڪوات ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ عبادت آهي. اهڙي طرح ______ به هڪ عبادت آهي.
(الف) نماز ✓ (ب) روزو (ج) حج
2. رمضان شريف ۾ ______ روزا رکڻ هر عاقل ۽ بالغ مسلمان تي فرض آهن.
✓ (الف) پورو مهينو (ب) اڌ (ج) ٿورا
3. روزو رکڻ سان انسان ______ کان بچيل رهي ٿو.
✓ (الف) گناهن (ب) فضول ڳالهين (ج) ڪمن
4. روزو صبح صادق يعني فجر کان اڳ ۾ شروع ۽ سج لهڻ يعني ______ جي وقت ختم ٿيندو آهي.
✓ (الف) سانجهي (ب) ٽپهري (ج) سومهڻي
5. رمضان شريف ۾ هڪ نيڪي جو ثواب وڌائي ______ دفعا وڌيڪ ڪيو ويندو آهي.
(الف) سؤ 100 ✓ (ب) ستر 70 (ج) هزار 1000

# (2) الله جا حق

## مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: الله جي حقن مان ڇا مراد آهي؟

جواب: الله جي حقن مان مراد اها آهي ته ٻانهو هر وقت الله تعاليٰ جي طرفان لاڳو ڪيل فرضن ۽ واجبن کي ادا ڪري ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪري ۽ خوف خدا پنهنجي اندر پيدا ڪري الله کي راضي ڪري ۽ هر وقت الله تعاليٰ کان دعا گهرندو رهي.

سوال2: الله تعاليٰ انسانن کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ انسانن کي پنهنجي عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي.

سوال3: ڇا اسان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جي ها الله تعاليٰ اسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو ۽ ايتريون نعمتون ڏنيون آهن. اسان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ تمام گهڻي عبادت ڪري ان کي راضي ڪرڻ گهرجي ڇو ته اهو ئي اسان جو خالق ۽ مالڪ آهي.

سوال4: اسان کي الله تعاليٰ ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون عطا ڪيون آهن؟

جواب: الله تعاليٰ اسان کي بي شمار نعمتون عطا ڪيون آهن. جيئن صحت ۽ تندرستي، آرام لاءِ رات ۽ ڪم لاءِ ڏينهن، اهڙي طرح سج، چنڊ، تارا،گل، ميوا، باغ ۽ مختلف موسمون وغيره ان ڪري اسان کي هميشه هر وقت الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.



سوال5: اسان کي ڪهڙي طرح الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان الله تعاليٰ جو شڪر ائين ادا ڪري سگهون ٿا ته اسان فقط ان جي ئي عبادت ڪريون ۽ اهو اسان کي ڪهڙي به حال ۾ رکي اسان کي ان جي رضا ۾ راضي رهڻ گهرجي ۽ ان کان هر وقت دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي دعا گهرڻ گهرجي.

(2) **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو:**

1. ڇا اسان الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جو شڪر ادا ڪندا آهيون؟ **(ها)**
2. ڇا اسان الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ ان جا حق ادا ڪيا آهن؟ **(ها)**
3. ڇا اسان الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل فرض ۽ واجب ادا ڪيا آهن؟ **(ها)**
4. ڇا اسان الله تعاليٰ جي فرضن مان نمازون ادا ڪيون آهن؟ **(ها)**
5. ڇا اسان الله تعاليٰ جي فرضن مان قرآن مجيد تي عمل ڪيو آهي؟ **(ها)**
6. ڇا اسان الله تعاليٰ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي نبي مڃون ٿا؟ **(ها)**
7. ڇا اسان حرام ڪمن کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ **(ها)**
8. ڇا اسان ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ وعدي خلافي کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ **(ها)**

9. ڇا اسان الله تعاليٰ سان محبت ڪئي ۽ ان جي بندگي ڪئي آهي؟ **(ها)**
10. ڇا اسان هر وقت الله تعاليٰ کان دعا گهرون ٿا؟ **(ها)**

**(3) مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ انسان جي **فائدي** لاءِ ناهي وئي آهي.
2. الله تعاليٰ اسان کي ايتريون نعمتون عطا ڪيون آهن جو اسان ان جو **شڪر** به ادا نه ٿا ڪري سگهون.
3. الله تعاليٰ ۽ ان جي پيدا ڪيل نظام تي **ايمان** آڻڻ.
4. الله تعاليٰ جي طرف کان اسلام جي سيني رڪنن تي **ايمان** آڻڻ.
5. الله تعاليٰ جي طرف کان سيني آسماني ڪتابن ۽ قرآن مجيد تي **ايمان** آڻڻ.
6. الله تعاليٰ جي طرف کان سيني نبي سڳورن عليهم السلام تي **ايمان** آڻڻ.
7. الله تعاليٰ جي آخري نبي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي آخري **نبي** مڃڻ.
8. الله تعاليٰ جي طرف کان قائم ڪيل حڪمن مان ڪوڙ، غيبت، چغلي وعدي خلافي وغيره کان **بچڻ**.
9. الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ ان جو شڪر **ادا** ڪرڻ.
10. الله تعاليٰ کي پنهنجو معبود سمجهي ان کان هر وقت **دعا** گهرڻ.



**(4) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ اها هستي آهي | عطا ڪيون آهن جو اسان ان جو شڪر به ادا نه ٿا ڪري سگهون. |
| الله تعاليٰ اسان کي ايتريون نعمتون | جنهن اسان کي پيدا ڪيو آهي. |
| الله تعاليٰ اسان انسانن کي ____ | پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي. |
| اسان کي هر حال ۾ الله تعاليٰ | اشرف المخلوقات بڻايو آهي. |
| الله تعاليٰ اسان انسانن کي | کان راضي رهڻ گهرجي ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. |

**(5) هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. جيڪو هر حال ۾ الله تعاليٰ کان راضي رهندو آهي اهو ______ ڪامياب آهي.
   ✓ (الف) انسان (ب) ملائڪ (ج) جن
2. الله تعاليٰ انسان کي ______ بڻايو ۽ دنيا ۾ پنهنجو خليفو (نائب) مقرر ڪيو.
   (الف) بادشاهه (ب) وزير
   ✓ (ج) اشرف المخلوقات
3. اسان الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ کانپوءِ ان جي ______ تي، ان جي آسماني ڪتابن تي ايمان آڻيون ٿا.
   ✓ (الف) رسولن (ب) ٻانهن (ج) انسانن

4. جيڪڏهن انسان صرف پنهنجي جسم تي غور ڪري ته الله تعاليٰ ان کي ڪيترين ________ عطا ڪيون آهن ته ان جو شڪر ادا نٿو ڪري سگهي.

✓ (الف) نعمتون (ب) علامتون (ج) رحمتون

5. اسان الله تعاليٰ جو ايترو شڪر ادا ڪريون جو اهو خوش ٿي اسان کي ________ ۾ جڳهه عطا فرمائي.

✓ (الف) جنت (ب) آسمان (ج) زمين



## (3) قرآن مجيد جي تلاوت

مشق

1. **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: قرآن پاڪ جي هڪ اکر پڙهڻ تي ڪيترين نيڪيون ملن ٿيون؟

جواب: قرآن پاڪ جي هڪ اکر پڙهڻ سان ڏهه نيڪيون ملن ٿيون. جيئن هڪ لفظ الم آهي هاڻي ان ۾ (الف) جدا، (ل) جدا ۽ (م) جدا اکر آهي اهڙي طرح الم پڙهڻ سان ٽيهه نيڪيون ملنديون انشاء الله.

سوال2: قرآن پاڪ ڪڏهن ۽ ڪيترو پڙهڻ گهرجي؟

جواب: قرآن پاڪ جڏهن به موقعو ملي جيترو به وقت ملي گهٽي ڪان گهٽو پڙهڻ گهرجي. ان ۾ اسان لاءِ رحمت ئي رحمت آهي. ثواب ئي ثواب آهي. ڪوشش ڪريو ته پورو قرآن پاڪ ٽن يا ستن ڏينهن ۾ پورو ڪريو نه ته هڪ مهيني ۾ ته لازمي پورو ڪريو.

سوال3: اسان جي دل کي ڪهڙي شيءِ سان سڪون ملندو؟

جواب: الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو ته دل جو آرام ۽ سڪون الله جي ذڪر ۾ آهي ان جو مطلب آهي ته جيڪڏهن دل جو سڪون گهرجي ته قرآن پاڪ جي تلاوت گهٽي ڪان گهٽي ڪرڻي پوندي.

سوال4: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن قرآن پاڪ بابت ڇا فرمايو آهي؟

جواب: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ قرآن پاڪ کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو آهي.

سوال5: الله تعاليٰ قرآن پاڪ بابت ڇا فرمائي ٿو؟

جواب: الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو ته:

ترجمو: ۽ اسان قرآن مجيد ۾ اها شيءِ نازل ڪريون ٿا جيڪا مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي. سورت بني اسرائيل آيت نمبر 82.

سوال6: قرآن مجيد پڙهڻ جا آداب بيان ڪريو؟

جواب: قرآن مجيد پڙهڻ جا آداب، جڏهن به قرآن پاڪ جي تلاوت ڪريو، پاڪ صاف با وضو ٿي، قبلي ڏانهن منهن ڪري، انتهائي ادب ۽ احترام سان اعوذ بالله ۽ بسم الله سان شروع ڪريو. قرآن پاڪ جي تلاوت روزانو ڪريو. قرآن پاڪ کي آهستي آهستي ۽ آرام آرام سان پڙهو ۽ تلاوت دوران ٻيون ڳالهيون نه ڪريو. جڏهن به قرآن پاڪ پڙهجي ته خاموشيءَ ۽ توجهه سان ٻڌو.

(2) **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو:**

1. ڇا توهان روزانو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهيو؟ **(ها)**
2. ڇا توهان قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ **(ها)**
3. ڇا توهان قرآن پاڻ جي تلاوت کان اڳ ۾ وضو ڪندا آهيو؟ **(ها)**
4. ڇا توهان قرآن پاڪ کي ادب سان قبلي ڏانهن منهن ڪري پڙهندا آهيو؟ **(ها)**
5. ڇا توهان قرآن پاڪ کي آهستي آهستي ۽ آرام آرام سان پڙهندا آهيو؟ **(ها)**
6. ڇا توهان قرآن پاڪ جي تلاوت دوران ٻيون ڳالهيون ڪندا آهيو؟ **(نه)**



7. ڇا توهان قرآن پاڪ جي تلاوت خاموشيءَ سان ٻڌندا آهيو؟ **(ها)**
8. ڇا دلين جو سڪون الله جي ذڪر ۾ آهي؟ **(ها)**
9. ڇا قرآن مجيد سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ الله جي نظر ۾ بهترين عمل آهي؟ **(ها)**
10. ڇا قرآن مجيد ۾ 580 رکوع ۽ 7 منزلون آهن؟ **(نه)**

(3) **مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. قرآن مجيد الله تعاليٰ جو تمام گهڻو **پيارو** ڪلام آهي.
2. قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ وڏي **ثواب** جو ڪم آهي.
3. اهي ٻار خوشنصيب آهن جن کي **قرآن مجيد** پڙهڻ ايندو آهي.
4. اهي ٻار تمام گهڻا محروم آهن جن کي **قرآن مجيد** پڙهڻ نه ايندو آهي.
5. قرآن پاڪ جي هڪ اکر پڙهڻ سان **ڏهه** نيڪيون ملن ٿيون.
6. دلين جو سڪون الله جي **ذڪر** ۾ آهي.
7. اسان مان ڀلو اهو آهي جيڪو قرآن پاڻ سکي ۽ **ٻين** کي سيکاري.
8. قرآن پاڪ جڏهن به پڙهنداسين ته با **وضو** ٿي ڪري پڙهنداسين.
9. قرآن پاڪ جي تلاوت شروع ڪنداسين ته اعوذ بالله ۽ **بسم الله** پڙهي شروع ڪنداسين.
10. قرآن پاڪ کي آهستي آهستي ۽ **آرام آرام** سان پڙهنداسين.

**4. ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| قرآن مجيد الله تعاليٰ جو | 540 رڪوع ۽ 7 منزلون آهن. |
| قرآن مجيد ۾ 30 سيپارا | ڪان محروم آهي اهو وڏو بدنصيب آهي. |
| جيڪو شخص قرآن مجيد جي تلاوت | تمام گهڻو پيارو ڪلام آهي. |
| قرآن مجيد اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | تي نازل ٿيو. |
| ڪوشش ڪريون ته اسان کي | باوضو ٿي پڙهو. |
| قرآن پاڪ کي جڏهن به پڙهو | حفظ قرآن پاڪ جي سعادت نصيب ٿئي. |
| قرآن پاڪ جي روزانو | ته خاموشيءَ ۾ توجهه سان ٻڌو. |
| جڏهن به قرآن پاڪ جي تلاوت ٿئي | تلاوت ڪرڻ جي عادت ٺاهيو. |



باب ٽيون

# سيرت طيبه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (1) وحي نازل ٿيڻ جو واقعو

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: وحي ڇاکي چئبو آهي ۽ وحي ڪنهن تي نازل ٿيندي آهي؟

جواب: الله تعاليٰ جي پيغام کي وحي چئبو آهي. وحي صرف نبين سڳورن عليهم السلام تي نازل ٿيندي آهي.

سوال2: الله تعاليٰ پيغام ڇو موڪليندو آهي ۽ وحي ڪير آڻيندو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ جو پيغام سيني نبين سڳورن عليهم السلام ڏانهن حضرت جبرائيل عليه السلام کڻي ايندو هو ۽ اهو پيغام سيئي نبي سڳورا عليهم السلام پنهنجي قوم تائين پهچائيندا هئا ته جيئن ماڻهن کي هدايت ملي.

سوال3: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي پهرين وحي ڪڏهن نازل ٿي؟

جواب: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي پهرين وحي 40 سالن جي عمر ۾ رمضان شريف جي مهيني ۾ غار حرا اندر نازل ٿي.

سوال4: پهرين وحي ڪهڙي نازل ٿي؟

جواب: قرآن مجيد جي سورت العلق جون شروعاتي پنج آيتون پهرين وحي طور نازل ٿيون.

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ۚ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ۭ (سورت العلق آيت 1-5)

سوال5: جڏهن پهرين وحي نازل ٿي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي گهر آيا ۽ ڪنهن ڪنهن کي سمورو واقعو ٻڌايائون؟

جواب: جڏهن پهرين وحي نازل ٿي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي گهر آيا تہ حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي سمورو واقعو ٻڌايائون. حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي تسلي ڏني ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو حوصلو وڌايو ۽ پوءِ پنهنجي سؤٽ ورقہ بن نوفل ڏانهن وني وئي ۽ کيس سمورو واقعو ٻڌايو.

سوال6: ورقہ بن نوفل ڪير هو؟

جواب: ورقہ بن نوفل حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو سؤٽ هو ۽ توريت، انجيل ۽ آسماني ڪتابن جو علم بہ ڄاڻيندو هو. ان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي تسلي ڏني ۽ ٻڌايائين تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام ڏانهن بہ حضرت جبرائيل عليه السلام وحي کڻي ايندو هو. ورقہ بن نوفل حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، پر ٿوري عرصي کان پوءِ ان جو انتقال ٿي ويو.

سوال7: وحي جو سلسلو ڪيترو عرصو جاري رهيو؟

جواب: وحي جو سلسلو تقريباً 23 سالن تائين جاري رهيو. پورو قرآن مجيد الله تعالىٰ جي طرف کان حضرت جبرائيل عليہ السلام ٿورو ٿورو ڪري آڻيندو رهيو ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم پورو قرآن محفوظ ڪيو.



سوال8: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مڪي کان ٻاهر غارِ حرا ۾ ڇو ويندا هئا؟

جواب: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر جڏهن 36 سال ٿي تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ الله جي عبادت ڪرڻ لاءِ مڪي کان تقريباً 2 ڪلوميٽر پري هڪ جبل تي هڪ غار جنهن کي غارِ حرا چوندا آهن، ان ۾ ويندا هئا ۽ الله تعالىٰ جي عبادت ڪندا هئا ۽ غور ۽ فڪر ڪندا هئا تہ ڪهڙي طرح مڪي جا ماڻهو بتن کي ڇڏي هڪ الله جي عبادت ڪن.

سوال9: پهرين وحي سورت العلق جي پنجن آيتن جو ترجمو لکو؟

جواب: پهرين وحي سورت العلق جي ابتدائي پنجن آيتن جو ترجمو هي آهي: پڙهو پنهنجي پالڻهار جي نالي سان، جنهن انسان کي پيدا ڪيو. جميل رت مان، پڙهو تہ اهو رب وڏي ڪرم وارو آهي، جنهن قلم جي ذريعي علم سيکاريو، اهو علم جيڪو انسان نہ پيو ڄاڻي.

**(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو:**

1. ڇا الله تعالىٰ جي پيغام ۽ ڪلام کي وحي چئبو آهي؟ **(ها)**
2. ڇا الله تعالىٰ طرفان پيغام آڻيندڙ ملائڪ جو نالو حضرت ميڪائيل عليہ السلام آهي؟ **(نہ)**
3. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر 40 سال ٿي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ غارِ حرا وڃڻ شروع ڪيو؟ **(نہ)**

4. جڏهن پهرين وحي نازل ٿي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر 40 سال هئي؟ **(ها)**
5. ڇا وحي غارِ حرا ۾ نازل ٿي؟ **(ها)**
6. ڇا پهرين وحي ۾ سمورو قرآن پاڪ نازل ٿيو؟ **(نہ)**
7. ڇا سمورو قرآن پاڪ 23 سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو؟ **(ها)**
8. ڇا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پهرين وحي جو سمورو واقعو حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ٻڌايو؟ **(ها)**
9. ڇا ورقه بن نوفل جي خواهش هئي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏئي؟ **(ها)**
10. ڇا پورو قرآن مجيد حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو؟ **(ها)**

**(3) مناسب لفظن سان خال ڀريو:**

1. الله تعاليٰ جي پيغام ۽ ڪلام کي **وحي** چئبو آهي.
2. سيني نبين سڳورن عليهم السلام تي **وحي** نازل ٿيندي رهي آهي.
3. جڏهن اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر 36 سال ٿي ته پاڻ **غارحرا** ۾ ويندا هئا.
4. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر 40 سال ٿي ته **پهرين وحي** نازل ٿي.



5. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي پهرين وحي **غار حرا** ۾ نازل ٿي.
6. پهرين وحي ۾ **سورة العلق** جون پنج آيتون نازل ٿيون.
7. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پهرين وحي جي خبر سڀ کان پهريون حضرت **خديجه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ڏني.
8. ورقه بن نوفل حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو **سؤٽ** هو.
9. قرآن پاڪ تقريباً **23** سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو.

**4. ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ جي پيغام ۽ | 40 سال ٿي ته پهرين وحي نازل ٿي. |
| حضرت جبرائيل عليه السلام | نازل ٿي. |
| جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر | ڪلام کي وحي چئبو آهي. |
| پهرين وحي غار حرا ۾ | سيني نبين عليهم السلام ڏانهن وحي کڻي ايندا هئا. |
| پورو قرآن مجيد | جون پنج آيتون نازل ٿيون. |
| پهرين وحي ۾ سورة العلق | تقريباً 23 سالن ۾ نازل ٿيو. |
| ورقه بن نوفل حضرت خديجه | ——— رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو سؤٽ هو. |

# (2) دعوت تبليغ

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

**سوال1:** دعوت اسلام مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** دعوت اسلام مان مراد اها آهي ته ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ. انهن کي دين اسلام بابت ٻڌائڻ ته اسان سڀني جو پالڻهار الله آهي ۽ ان اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي اهوئي خالق ۽ مالڪ آهي اسان کي ان جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي.

**سوال2:** سڀني نبين سڳورن عليهم السلام کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ڪهڙو هو؟

**جواب:** سڀني نبين سڳورن عليهم السلام کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد اسلام جي دعوت ڏيڻ ۽ الله تعاليٰ جا حڪم ماڻهن تائين پهچائڻ ته الله هڪ آهي ۽ سڀني جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي. اسان کي فقط الله جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي.

**سوال3:** جڏهن الله تعاليٰ طرفان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جو حڪم مليو ته سڀ کان پهريون ڪهڙن ماڻهن اسلام قبول ڪيو؟

**جواب:** جڏهن الله تعاليٰ طرفان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جو حڪم مليو ته سڀ کان پهريون مردن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، عورتن ۾ حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا، ٻارن ۾ حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ آزاد ڪيل غلامن ۾ سڀ کان



پهريون حضرت زيد بن حارث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اسلام قبول ڪيو. اهي دنيا جا سڀ کان وڌيڪ خوشنصيب ماڻهو هئا.

**سوال4:** ابتدائي ٽن سالن ۾ ڪيترن ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو؟

**جواب:** نبوت کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ابتدائي ٽي سال خاموشيءَ سان ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا. اهڙيءَ طرح تڪليفن کان پوءِ 30 ماڻهن شروعاتي ٽن سالن ۾ اسلام قبول ڪيو.

**سوال5:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي خاندان جي ماڻهن کي ڪهڙي طرح اسلام جي دعوت ڏني؟

**جواب:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي الله تعاليٰ طرفان حڪم مليو ته پنهنجن مٽن مائٽن کي اسلام جي دعوت ڏيو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي خاندان وارن جي دعوت ڪئي ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏني. انهيءَ موقعي تي خاندان جي ڪنهن به فرد اسلام قبول نه ڪيو بلڪ اسلام ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا اجان به وڌيڪ دشمن بڻجي ويا.

**سوال6:** نبوت جي چوٿين سال عام ماڻهن کي ڪهڙي ريت اسلام جي دعوت ڏني وئي؟

**جواب:** نبوت جي چوٿين سال حڪم مليو ته سڀني ماڻهن اسلام جي دعوت ڏني وڃي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صفا جي پهاڙيءَ تي چڙهي ڪري مڪي جي سمورن ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ اسلام جي دعوت ڏني پر ڪنهن به دعوت کي قبول نه ڪيو ۽ وڌيڪ مخالفت شروع ڪري ڇڏي.

**سوال7:** مڪي جي ڪافرن جي مخالفت هوندي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪهڙي طرح اسلام جي دعوت ڏني؟

جواب: مڪي جي ڪافرن جي مخالفت هوندي به پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪلي عام اسلام جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي ۽ جتي به ماڻهن جو هجوم هوندو هو اتي هليا ويندا هئا. مثال طور: ميلن ۾، قافلن ۾، حج تي ايندڙن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. اهڙي ريت آهستي آهستي ماڻهو اسلام جي دعوت قبول ڪرڻ لڳا پر مڪي جي ڪافرن جي مخالفت ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳي. جيڪو به اسلام قبول ڪندو هو ان کي مڪي جا ڪافر تڪليفون ڏيندا هئا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا جاني دشمن بڻجي ويا.

سوال8: جڏهن مڪي جي ڪافرن کان برداشت نه ٿيو ته حضرت ابوطالب ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟

جواب: جڏهن مڪي جي ڪافرن کان اسلام جي دعوت ڏيڻ ۽ ماڻهن جو اسلام آڻڻ جو سلسلو برداشت نه ٿيو ته اهي حضرت ابوطالب وٽ آيا ۽ ڪيس چيائون ته توهان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي سمجهايو ته ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ ڇڏي ڏين. حضرت ابوطالب مڪي جي ڪافرن کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ مرڻ گهڙي تائين حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏنو.

سوال9: اسان کي اسلام جي دعوت ڪهڙي طرح ڏيڻ گهرجي ۽ تڪليفن ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابه ڪرام جي سيرت تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ تمام تڪليفن جي باوجود صبر ڪرڻ گهرجي ۽ اسلام جي دعوت ڏيڻ کان نه رڪجڻ گهرجي.



**(2) غور سان پڙهو سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو.**

1. ڇا ٽن سالن جي عرصي ۾ تقريباً 200 ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو؟ **(نه)**
2. ڇا سيني نبين سڳورن عليهم السلام کي دنيا ۾ موڪليو ويو ته جيئن الله تعالىٰ جو پيغام ماڻهن تائين پهچائين؟ **(ها)**
3. ڇا اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اسلام جي دعوت ڏيڻ جو حق ادا ڪيو؟ **(ها)**
4. ڇا حضرت ابوطالب پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو؟ **(ها)**
5. ڇا پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ مڪي جي ڪافرن جي مخالفت هوندي به اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا؟ **(ها)**
6. ڇا اسان کي اسلام جي راهه ۾ اچڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪرڻ گهرجي؟ **(ها)**
7. ڇا اسان کي ڪهڙي به حال ۾ تڪليفن کان گهٻرائي ڪري نيڪي جي دعوت جو رستو نه ڇڏڻ گهرجي؟ **(ها)**
8. ڇا توهان صرف هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏيو؟ **(ها)**

(3) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو:

| | |
|---|---|
| دعوت اسلام جو مطلب آهي | ڪي اسلام جي دعوت ڏني. |
| سيني نبين سڳورن عليهم السلام کي انهي مقصد | حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنۡهَا اسلام قبول ڪيو. |
| سڀ کان پهريون پنهنجن ويجهن مائٽن | حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنۡهُ اسلام قبول ڪيو. |
| عورتن ۾ سڀ کان اول | حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنۡهُ اسلام قبول ڪيو. |
| مردن ۾ سڀ کان اول | لاءِ دنيا ۾ موڪليو ويو. |
| ٻارن ۾ سڀ کان اول | اڏائي ۽ چيو ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جو دين ڪيئن ڇڏيون. |
| آزاد ڪيل غلامن ۾ سڀ کان اول | ۽ بتن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏيو. |
| ٽن سالن جي عرصي ۾ تقريبًا | ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ. |
| خاندان جي ماڻهن اسلام جي مذاق | حضرت زيد بن حارث رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنۡهُ اسلام قبول ڪيو. |
| توهان صرف هڪ الله جي عبادت ڪريو | 30 ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو. |



## (3) حبشه ڏانهن هجرت (پهرين ۽ ٻئي)

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: هجرت ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: اسلام ۾ هجرت مان مراد الله تعاليٰ جي رضا خاطر ۽ پنهنجي دين جي حفاظت لاءِ پنهنجي وطن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي وطن ۾ وڃي آباد ٿيڻ کي هجرت چئبو آهي.

سوال2: مسمانن سڀ کان پهرين ڪٿي هجرت ڪئي ۽ ان ۾ گهڻا ماڻهو شامل هئا؟

جواب: مسلمانن سڀ کان پهريون حبشه ڏانهن هجرت ڪئي ۽ ان ۾ 11 مرد ۽ 4 عورتون شامل هيون.

سوال3: مسلمانن حبشه ڏانهن هجرت ڇو ڪئي ۽ ان قافلي جو امير ڪير هو؟

جواب: مسلمانن حبشه ڏانهن هجرت ان ڪري ڪئي ڇو ته اتان جو بادشاهه عادل حڪمران هيو ۽ اتي مسلمانن کي هر قسم جي مذهبي آزادي هئي. پهريون قافلو 15 فردن تي مشتمل هيو جيڪو حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللهُ تَعَالَىٰ عَنۡهُ جي اڳواڻي ۾ روانو ٿيو هو.

سوال4: حبشه جي بادشاهه جو نالو ڇا هو؟

جواب: حبشه جي بادشاهه کي نجاشي چوندا هئا.

سوال5: جيڪي مسلمان حبشه ڏانهن هجرت ڪري ويا هئا اهي واپس ڇو موٽي آيا؟

جواب: جيڪي مسلمان پهريون دفعو حبشه ڏانهن هجرت ڪري ويا هئا انهن کي خبر پئي ته مڪي جا اهم ماڻهو مسلمان ٿي ويا آهن تنهنڪري هجرت ڪندڙ سمورا مسلمان واپس

مڪي موٽي آيا. جڏهن اهي اتي پهتا ته کين معلوم ٿيو ته اها خبر ڪوڙي هئي. هتي ته مسلمانن تي اڳ کان به وڌيڪ ظلم ٿي رهيو آهي.

سوال6: ڪجهه عرصي کان پوءِ مسلمانن ٻيهر هجرت ڇو ڪئي؟

جواب: ڪجهه عرصي کانپوءِ مڪي جون حالتون تمام گهڻيون خراب ٿي ويون ۽ مسلمانن تي ظلم ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳا. تنهنڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن مشورو ڏنو ته ٻيهر حبشه ڏانهن هجرت ڪئي وڃي ته جيئن مسلمان آرام سان زندگي گذاري سگهن.

سوال7: ٻيهر هجرت ڪندڙ گهڻا هئا؟

جواب: ٻي هجرت ڪندڙ مسلمانن جو تعداد 83 هو جنهن ۾ مرد ۽ عورتون شامل هئا انهن ۾ ڪجهه اهي ماڻهو به شامل هئا جيڪي اڳ ۾ به هجرت ڪري چڪا هئا.

سوال8: جن مسلمانن حبشه ڏانهن هجرت ڪئي ته انهن کي مڪي جي ڪافرن حبشه مان ڪڍڻ لاءِ ڇا ڪيو؟

جواب: مڪي جي ڪافرن هڪ وفد تحفن ساڻ حبشه جي بادشاهه ڏانهن موڪليو انهن حبشه جي بادشاهه کي مسلمانن جي شڪايت ڏني ۽ بادشاهه کي گذارش ڪئي ته مڪي جي مسلمانن کي انهن جي حوالي ڪيو وڃي.

سوال9: جڏهن مڪي جي ڪافرن نجاشي بادشاهه کي مسلمانن جي شڪايت ڏني ته بادشاهه ڇا ڪيو؟

جواب: جڏهن مڪي جي ڪافرن نجاشي بادشاهه کي دانهن ڏني ته بادشاهه مسلمانن کي سڏايو ۽ انهن کان دين اسلام جي باري ۾ پڇا ڪئي مسلمانن جي طرف کان حضرت جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اڳتي وڌيا ۽ ڪيس ٻڌايائون ته اي بادشاهه اسان جاهل هئاسون بتن جي پوڄا ڪندا هئاسون ۽ اسان ۾



تمام گهڻيون برايون هيون. الله تعاليٰ اسان وٽ هڪ رسول موڪليو جنهن اسان کي الله جي سچي دين ڏانهن سڏيو بت پرستي ۽ شرڪ کان منع ڪئي. نماز، روزي، زڪوات جو حڪم ڏنو پاڪ دامني ۽ صله رحمي جي تعليم ڏني. اسان شرڪ ۽ بت پرستي کي ڇڏي ڏنو ۽ هاڻي اسان صرف هڪ الله جي عبادت ڪريون ٿا ۽ انهيءَ جو حڪم مڃيون ٿا ۽ مسلمان بڻجي ويا آهيون انهيءَ ڪري مڪي جا ڪافر ۽ اسان جي قوم اسان کان ڪاوڙجي پئي آهي.

سوال10: نجاشي بادشاهه ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

جواب: نجاشي بادشاهه مسلمانن جي ڳالهه ٻڌي حضرت جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي چيو ته جيڪو ڪلام الله تعاليٰ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ڪيو آهي ان منجهان ڪجهه مون کي به ٻڌايو. حضرت جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ قرآن پاڪ جي سورت مريم جون ڪجهه آيتون تلاوت ڪيون ته بادشاهه جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ قرآن پاڪ جي آيتن جو بادشاهه تي وڏو اثر ٿيو. بادشاهه چيو ته خدا جو قسم هي ڪلام قرآن مجيد ۽ انجيل ٻئي هڪ ئي ڏيئي جو نور آهن يعني ٻئي الله تعاليٰ جو ڪلام آهن پوءِ بادشاهه مڪي جي ڪافرن جي وفد کي انهن جي تحفن سان واپس موٽائي ڇڏيو ۽ مسلمانن کي حبشه ۾ مڪمل آزاديءَ سان رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

(2) **هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو.**

1. پنهنجي وطن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي وطن ۾ آباد ٿيڻ کي ______ چئبو آهي.

(الف) عادت    (ب) فطرت    (ج) هجرت ✓

2. مسلمانن سڀ کان پهريون هجرت ________ ڏانهن ڪئي.

(الف) حبشہ ✓ (ب) مڪي (ج) مديني

3. سڀ کان پهرين هجرت ۾ ________ فرد شامل هئا.

(الف) 11 (ب) 15 ✓ (ج) 20

4. سڀ کان پهرين هجرت ۾ قافلي جو امير ________ هو.

✓ (الف) حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

(ب) حضرت زيد بن حارث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

(ج) حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

5. حبشہ جي بادشاھ جو لقب ____________ هو.

✓ (الف) نجاشي (ب) فاشي (ج) رازي

6. ڪافر بہ مسلمانن کي ونئي اچڻ لاءِ بادشاھ ڏانهن _____ آيا.

✓ (الف) حبشہ (ب) مديني (ج) طائف

7. ______ مسلمانن جي طرفان بادشاھ وٽ نمائندگيءَ ڪئي.

(الف) حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

✓ (ب) حضرت جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

(ج) حضرت علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

8. بادشاھ کي قرآن جي _______ جون ڪجھ آيتون تلاوت ڪري ٻڌايون ويون.

✓(الف) سورت مريم (ب) سورت الرحمٰن

(ج) سورت يٰس

9. نجاشي بادشاھ قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌي ڪري چيو تہ قرآن مجيد ۽ _____ ٻئي الله تعاليٰ جو ڪلام آهن.

(الف) زبور (ب) توريت ✓ (ج) انجيل

10. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم دين اسلام جي لاءِ _______ ڪري تمام وڏي قرباني ڏني.

(الف) آساني (ب) قرباني ✓ (ج) هجرت



(3) **غور سان پڙهو. سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو.**

1. الله تعاليٰ جي رضا خاطر پنهنجي وطن کي ڇڏي ڪري ڪنهن ٻئي وطن ۾ وڃي آباد ٿيڻ کي هجرت چئبو آهي. (ها)
2. نبوت جي پنجين سال مڪي جي ڪافرن جي ظلم کان تنگ ٿي ڪري مسلمانن حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. (ها)
3. حبشہ ڏانهن هجرت ڪرڻ ۾ قافلي جو امير حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ هو. (نہ)
4. پهرين هجرت ڪندڙ فردن جو تعداد 50 هو. (نہ)
5. ٻئين دفعي هجرت ڪندڙ فردن جو تعداد 102 هو (نہ)
6. حبشہ جي بادشاھ جو لقب نجاشي هو. (ها)
7. حبشہ جي بادشاھ وٽ مسلمانن جي طرفان حضرت جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪلام ڪيو. (ها)
8. قرآن مجيد جي سورت مريم جي تلاوت ٻڌي نجاشي بادشاھ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. (ها)
9. مڪي جي ڪافرن طرفان مليل تحفن کي نجاشيءَ بادشاھ نہ قبوليو ۽ مسلمانن کي بہ ڪافرن جي حوالي نہ ڪيو. (ها)
10. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم جي تمام گهڻين قربانين عيوض اسان کي دين اسلام نصيب ٿيو آهي. (ها)

## (4) شعب ابي طالب

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: شعب ابي طالب مان ڇا مراد آهي؟

جواب: ٻن جبلن جي وچواري جڳهه کي شعب چئبو آهي ۽ اها جاءِ بنو هاشم خاندان وارن جي هئي ۽ ان وقت خاندان جو سردار ابو طالب هو ان ڪري ان جاءِ جو نالو شعب ابي طالب هو.

سوال2: مڪي جي ڪافرن جي سردارن بنو هاشم جي خلاف ڪهڙو معاهدو تحرير ڪيو؟

جواب: مسلمانن جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ڏسندي سيني سردارن پاڻ ۾ گڏجي هڪ معاهدو ڪيو ته بنو هاشم ڪان سماجي تعلق ٽوڙيو وڃي ۽ انهن سان ڪنهن به قسم جو لڳ لاڳاپو ۽ وٺ وٺ واپار نه ڪيو وڃي جيستائين ابو طالب حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن جي حوالي نه ٿو ڪري. انهيءَ سان صلح يا ناهه به نه ڪيو ويندو انهن جي خلاف اعلان جنگ آهي.

سوال3: مڪي جي ڪافرن جي انهيءَ معاهدي ڪان پوءِ بنو هاشم ڇا ڪيو؟

جواب: مڪي جي ڪافرن جي انهيءَ معاهدي ڪان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي چاچي ابو طالب ۽ خاندان جي ٻين فردن کي وٺي ڪري شعب ابي طالب ۾ اچي رهڻ لڳا ته جيئن گڏجي حالتن جو مقابلو ڪيو وڃي.

سوال4: شعب ابي طالب ۾ بنو هاشم ڪهڙي حال ۾ هيو؟



جواب: شعب ابي طالب ۾ بنو هاشم وارن وٽان کاڌي پيئڻ جو سامان ختم ٿي ويو ۽ اهي وڻن جا پن وغيره کائيندا هئا. ننڍڙا ٻار بک ۽ اڃ تي روئيندا هئا. انهن جي روئڻ جو آواز ٻاهر به ٻڌڻ ۾ ايندو هو پر مڪي جي ڪافرن کي ڪوبه رحم نه ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪو لڪي ڪري انهن جي مدد ڪندو هو. ٽن سالن تائين اهڙي طرح بنو هاشم وارن شعب ابي طالب ۾ گذاريا پر نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪافرن جي حوالي نه ڪيو.

سوال5: ٽن سالن جي عرصي ڪانپوءِ معاهدي سان ڇا ٿيو؟

جواب: نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي چاچي ابو طالب کي ٻڌايو ته معاهدي کي اڏوهيءَ کائي چٽ ڪري ڇڏيو آهي ان ۾ فقط الله جو نالو باقي بچيو آهي. ابو طالب مڪي جي ڪافرن کي ٻڌايو ته واقعي معاهدي کي اڏوهي کائي چٽ ڪري ڇڏيو هو.

سوال6: مڪي جي ڪافرن معاهدو ڏسڻ ڪان پهريان ڪهڙو شرط رکيو؟

جواب: مڪي جي ڪافرن معاهدو ڏسڻ ڪان پهريون اهو شرط رکيو ته جيڪڏهن ابو طالب جي ڳالهه سچي آهي ته سماجي بائيڪاٽ ختم ڪيو ويندو نه ته ابو طالب حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن جي حوالي ڪندو. الحمد الله ابو طالب جي ڳالهه سچي هئي.

سوال7: اسان کي هن واقعي مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: اسان کي هن واقعي مان اهو سبق ملي ٿو ته اسان کي هر حال ۾ اسلام تي صبر ۽ استقامت سان رهڻو آهي. ڪهڙيون به حالتون ڇو نه هجن ثابت قدمي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

(2) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| عربي زبان ۾ ٻن جبلن | جي تعداد ۾ واڌارو برداشت نہ پيو ٿئي. |
| شعب ابي طالب مڪي مڪرمہ ۾ | ڪعبة الله ۾ اندر ٽنگي ڇڏيو. |
| مڪي جي ڪافرن اهو معاهدو لکي ڪري | جي وچواري جڳهہ کي شعب چئبو آهي. |
| جيستائين بنو هاشم حضور اڪرمہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | صفا جبل جي ويجهو واقع آهي. |
| مسلمانن کي نبوت جي ڏهين سال | کي انهن جي حوالي نہ ڪندو تيستائين سماجي بائيڪاٽ برقرار رهندو. |
| مڪي جي ڪافرن کان ڏينهون ڏينهن مسلمان | شعب ابي طالب واري امتحان ۾ ڪاميابي ملي. |

(3) مناسب لفظن سان خال ڀريو.

1. عربي زبان ۾ ٻن جبلن جي وچواري جڳهہ کي **شعب** چوندا آهن.
2. ابو طالب سردار هو ان ڪري ان جاءِ کي **شعب ابي طالب** چوندا آهن.
3. جيستائين حضور اڪرمہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي انهن جي حوالي نہ ڪيو ويندو تيستائين **بائيڪاٽ** آهي.



4. مڪي جي ڪافرن مسلمانن جو **بائيڪاٽ** ڪيو.
5. مڪي جي ڪافرن اهو معاهدو لکي **ڪعبة الله** ۾ ٽنگي ڇڏيو.
6. شعب ابي طالب ۾ رهندي مسلمانن کي **ٽن** سالن جو عرصو ٿي ويو.
7. مڪي جي ڪافرن جي لکيل معاهدي کي اڌوهي کائي چٽ ڪري ڇڏيو ۽ ان ۾ فقط **الله** جو نالو باقي هو.
8. ابو طالب جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ سچي نڪتي تہ **بائيڪاٽ** ختم ڪنداسين.
9. مسلمانن ايتري تڪليفن جي هوندي بہ حضور اڪرمہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي **ڪافرن** جي حوالي نہ ڪيو.
10. نبوت جي **ڏهين** سال مسلمانن کي ان امتحان ۾ ڪاميابي ملي.

(4) غور سان پڙهو سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نہ" ۾ ڏيو.

1. شعب ابي طالب جو واقعو مديني ۾ پيش آيو. **(نہ)**
2. شعب ابي طالب جو واقعو نبوت جي 15 سالن کان پوءِ پيش آيو. **(نہ)**
3. شعب ابي طالب ۾ مسلمانن ڪافرن سان سماجي بائيڪاٽ ڪيو هو. **(نہ)**
4. شعب ابي طالب ۾ ٻارن ۽ عورتن کي بک ۽ اڃ جي ڪري تڪليفون پيش آيون. **(ها)**

5. مڪي جي ڪافرن گڏجي هڪ معاهدو لکي ڪعبة الله ۾ ٽنگي ڇڏيو. **(ها)**

6. ڇا مسلمانن ڊڄي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪافرن جي حوالي ڪري ڇڏيو. **(نہ)**

7. بنو هاشم کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان ايتري محبت هئي جو ايترين تڪليفون هوندي بہ ڪين مڪي جي ڪافرن جي حوالي نہ ڪيو. **(ها)**

8. اسان کي هر حال ۾ اسلام جي دامن کي مضبوطي سان پڪڙي رکڻ گهرجي. **(ها)**



## (5) عام الحزن

### مشق

**(1) سبق جا جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عام الحزن مان ڇا مراد آهي؟

جواب: عربيءَ ٻوليءَ ۾ عام جو مطلب آهي سال ۽ حزن جي معنيٰ آهي ڏک. ان جو مطلب ٿيو ڏکن وارو سال.

سوال2: عام الحزن جو سال نبوت جو ڪهڙو سال هو؟

جواب: عام الحزن نبوت جو ڏهون سال هو.

سوال3: نبوت جي ڏهين سال ڪهڙين ٻن هستين هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو؟

جواب: نبوت جي ڏهين سال حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پياري چاچي حضرت ابو طالب ۽ پاڻ سڳورن جي پياري گهرواري حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

سوال4: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي چاچي حضرت ابو طالب اسلام خاطر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪيترو ساٿ ڏنو؟

جواب: حضرت ابو طالب پنهنجن ٻچن کان بہ وڌيڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پرورش ڪئي ۽ قدم قدم تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏنو ۽ آخري گهڙي تائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏنو ۽ ساٿس ڪيل واعدو پورو ڪيو. خاص طور تي شعب ابي طالب ۾ خاندان کي وٺي مڪي جي ڪافرن سان مقابلو ڪيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي مڪي جي ڪافرن جي حوالي نہ ڪيو.

سوال5: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پياري گھر واري حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اسلام لاءِ ڪھڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون؟

جواب: حضرت ابو طالب جي هن دنيا مان لاڏاڻي ڪان ٿوري عرصي ۾ حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا به هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سڀ ڪان پھريون اسلام قبول ڪندڙ عورت هئي ۽ پنھنجو سمورو مال اسلام جي راھ ۾ قربان ڪري ڇڏيو. پاڻ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان بيحد محبت ڪندي هئي. پاڻ سموري زندگي اسلام جي خدمت ڪندي رهي هر وقت هر جاءِ ۽ هر مشڪل ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏنائين 25 سالن جي عرصي تائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ گذاريائين.

سوال6: ان سال ايترو ڏک هوندي به ڇا اسلام جي دعوت جو ڪم جاري رهيو؟

جواب: جي ها ان سال ايترو ڏک هوندي به اسلام جي دعوت جو ڪم جاري رهيو جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ماڻھن کي اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا ۽ ان ئي سال مڪي کان ٻاھر وڃي طائف ۾ به اسلام جي دعوت جو سلسلو جاري رکيائون.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. جنھن سال ڏکن جون خبرون هيون ان کي عربي ۾ **عام الحزن** چوندا آھن.
2. نبوت جي **ڏھين** سال ٻن هستين جي جدائيءَ جو ڏک برداشت ڪرڻو پيو.



3. حضرت ابو طالب حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جو **چاچو** ھو.
4. حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پياري **گھرواري** هئي.
5. سڀ ڪان پھريون اسلام آڻڻ واري عورت حضرت **خديجه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا هئي.
6. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي والد، والده ۽ ڏاڏي جي وفات ڪان پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي پرورش پاڻ سڳورن جي چاچي **ابو طالب** ڪئي.
7. حضرت ابو طالب پنھنجي زندگيءَ جي آخري گھڙي تائين اسلام جو **محافظ** بڻيل رهيو.
8. ان سال انھن ٻنھي جي وفات جي سبب پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **ڏکارا** ٿي ويا هئا.
9. حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اسلام جي خاطر پنھنجو سمورو **مال** قربان ڪري ڇڏيو.
10. ايتري غم ۽ تڪليف جي هوندي به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **اسلام جي دعوت** جو ڪم جاري رکيو.

(3) ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| عربي ٻولي ۾ عام جو مطلب آهي سال | پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي گهرواري هئي. |
| ان جو مطلب اهو ٿيو ته | جي والد جو نالو ابو طالب آهي. |
| حضرت ابو طالب | ۾ حزن جي معني آهي ڏک. |
| حضرت علي ڪرم الله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ | عام الحزن يعني ڏکن وارو سال. |
| حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا | پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو چاچو هو. |
| حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا | جي قبر مبارڪ مڪي جي قبرستان جنت المعلٰي ۾ آهي. |
| حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي | آهي ڏکن وارو سال |
| جنهن سال انهن ٻنهي جي وفات ٿي ان کي | کي ڏاڍو ڏک ٿيو. |
| عام الحزن جو مطلب | کي عام الحزن چيو وڃي ٿو. |
| نبوت جي ڏهين سال | 65 سالن جي عمر ۾ وفات ٿي. |



## (6) طائف جو سفر

### مشق

(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.

سوال1: طائف شهر ڪٿي واقع آهي؟

جواب: طائف شهر مڪي مڪرمه کان تقريباً 90 ڪلوميٽر اتر طرف واقع آهي.

سوال2: طائف جي سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ٻيو ڪير هو؟

جواب: طائف جي سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان سندن غلام حضرت زيد بن حارث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ گڏ هو.

سوال3: طائف جي شهر ۾ جڏهن اسلام جي دعوت ڏني وئي ته انهن ماڻهن ڇا چيو؟

جواب: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن طائف جي شهر وارن کي اسلام جي دعوت ڏني ته انهن اسلام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي شهر جي شرارتي ڇوڪرن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪڍ لڳائي ڇڏيو. انهن شرارتي ڇوڪرن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي برو ڀلو چيو، تاڙيون وڄايون، گاريون ڏنيون، مذاق اڏائي ايستائين جو انهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي پٿر هنيا جن سان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ زخمي ٿي پيا ۽ سندن نعلين مبارڪ (چپل) خون سان ڀرجي ويا.

سوال4: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ طائف کان نڪري هڪ باغ ۾ پناهه ورتي اتي غلام سان ڇا ڳالهه ٻولهه ٿي؟

جواب: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ هڪ انگورن جي باغ ۾ پناهه ورتي اتي هڪ غلام ڪين انگورن جو هڪ ڇڳو پيش ڪيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي کائڻ شروع ڪيو ته غلام اهي لفظ پهريون دفعو ٻڌا ته پڇيو ته توهان هي ڇا پڙهيو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ غلام کان سندس نالو ۽ علائقي بابت پڇيو؟ غلام پنهنجو نالو عداس ٻڌايو ۽ چيو ته هو نينوا جو رهاڪو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته معنيٰ تون حضرت يونس عليه السلام جي شهر جو آهين ته غلام حيران ٿي ويو ته توهان حضرت يونس عليه السلام کي ڪيئن سڃاڻو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته حضرت يونس عليه السلام منهنجو ڀاءُ هو اهو به نبي هو ۽ مان به الله جو آخري نبي ۽ رسول آهيان. غلام پاڻ سڳورن جي هٿن ۽ پيرن کي چميو ۽ ڏاڍو متاثر ٿيو.

سوال5: حضرت جبرائيل عليه السلام حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪهڙو عرض ڪيو؟

جواب: حضرت جبرائيل عليه السلام حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته جبلن جي ملائڪ کي ساڻ وٺي آيو آهيان اوهان حڪم ڪريو ته مان طائف جي ٻنهي جبلن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيان. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته نه مون کي اميد آهي ته الله تعاليٰ انهن جي نسل مان اهڙا ماڻهو پيدا ڪندو جيڪي فقط هڪ الله جي عبادت ڪندا ۽ انهن سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪندا.



سوال6: طائف جي سفر مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: طائف جي سفر مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته الله تعاليٰ جي راهه ۾ اچڻ وارين تڪليفن کي برداشت ڪرڻ نبين سڳورن عليهم السلام جي سنت آهي اسان کي به هر تڪليف تي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ دين اسلام تي قائم رهڻ گهرجي دنيا ۾ اچڻ واري هر تڪليف برداشت ڪرڻ گهرجي ۽ آخرت ۾ جنت جو حقدار بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(2) **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| طائف جو شهر مڪي مڪرمه کان | پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي پٿر هنيا. |
| طائف جي سفر ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | ٻڌي غلام عداس چيو ته ان اهي لفظ پهريون ڪڏهن نه ٻڌا آهن. |
| طائف جي شرارتي ڇوڪرن | تقريباً 90 ڪلوميٽر اتر طرف واقع آهي. |
| بسم الله الرحمٰن الرحيم جا لفظ | طائف جي ٻنهي جبلن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيان. |
| پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اوهان حڪم فرمايو ته | سان گڏ حضرت زيد بن حارث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هو. |

(3) **هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. **طائف جو شهر مڪي کان ڪيترا ڪلوميٽر مفاصلي تي واقع آهي؟**

✓ **(الف)** 90    **(ب)** 80    **(ج)** 100

2. **طائف جي سفر دوران پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **سان گڏ ڪير هو؟**

**(الف) حضرت بلال** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ

✓ **(ب) حضرت زيد بن حارث** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ

**(ج) حضرت ابو هريره** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ

3. **طائف شهر ۾ پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **جو قيام ڪيترا ڏينهن هو؟**

**(الف)** 5 **ڏينهن**    ✓ **(ب)** 10 **ڏينهن**    **(ج)** 15 **ڏينهن**

4. **جنهن باغ ۾ حضور اڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ **۾ پناهه ورتي اهو باغ ڪهڙي شيءِ جو هو؟**

**(الف) ڪارڪن جو**    ✓ **(ب) انگورن جو**

**(ج) انبن جو**



**باب چوٿون**

# اخلاق ۽ آداب

## (1) سادگي

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سادگيءَ جي تعريف ۽ مفهوم بيان ڪريو؟

جواب: زندگيءَ ۾ تڪلف ۽ بناوٽ کان بچڻ جو نالو سادگي آهي. اسلام انسان کي سادگي سان زندگي گذارڻ جي تعليم ڏئي ٿو ۽ اجاين رسمن کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو.

سوال2: اسلام صفائي بابت ڪهڙي تعليم ڏئي ٿو؟

جواب: اسلام صفائي ۽ پاڪيزگي وارو دين آهي ۽ صاف سٿرو لباس پائڻ جي تعليم ڏئي ٿو. اسلام انسان کي کائڻ پيئڻ ۽ لباس پائڻ جي مڪمل اجازت ڏئي ٿو پر ان معاملي ۾ اجايو خرچ ڪرڻ کان پڻ منع ڪري ٿو.

سوال3: اسلام رياڪاريءَ بابت ڪهڙي تعليم ڏئي ٿو؟

جواب: ڪجهه ماڻهو پنهنجي طاقت کان وڌيڪ خرچ ڪندا آهن انهن جو مقصد ٻين جي نظر ۾ پاڻ کي اوچو ظاهر ڪرڻ هوندو آهي. اهو طرز عمل رياڪاري آهي ۽ اسلام ۾ رياڪاري ناپسند عمل آهي.

سوال4: اسان جي نبي سڳوري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي اسان لاءِ بهترين نمونو آهي وضاحت ڪريو؟

جواب: اسان جي پياري نبي سڳوري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي اسان لاءِ بهتر نمونو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن زندگيءَ جي هر پهلو ۾ اسانجي رهنمائي ڪئي آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

جن عرب جا حڪمران هوندي به سادگي زندگي گذاري ۽ ڪڏهن به شان شوڪت جو اظهار نه ڪيو.

سوال5: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سادي زندگيءَ بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: سموري عرب ملڪ جو مال ۽ دولت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وٽ ايندو هو تنهن هوندي به پاڻ بلڪل سادي زندگي گذاريائون نه ضرورت کان وڌيڪ مال جمع ڪيائون ۽ نه وري کائڻ پيئڻ تي اجايو خرچ ڪيائون. جيڪو کائڻ لاءِ ملندو هو کائيندا هئا ۽ شڪر ڪندا هئا جيڪو پائڻ لاءِ ميسر هوندو هو پائيندا هئا. پنهنجي گهر جو ڪم پاڻ ڪندا هئا. عام ماڻهن سان رلي ملي ويندا هئا. مطلب ته اسان سيرت جي هر پهلوءَ تي غور ڪنداسين ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سموري زندگي سادگيءَ سان گذاري.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. زندگيءَ ۾ تڪلف ۽ بناوت کان بچڻ جو نالو **سادگي** آهي.
2. اسلام انسان کي کائڻ پيئڻ ۽ لباس پائڻ جي مڪمل **آزادي** ڏئي ٿو.
3. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن زندگيءَ جي هر معاملي ۾ اسان جي **رهنمائي** ڪئي آهي.
4. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ايتري **سادي** زندگي گذاري آهي ته اسان چو نه ٿا گذاري سگهون؟



5. سادگي اپنائڻ سان اسان هميشه هر **حال** ۾ زندگي گذاري سگهون ٿا.
6. جيڪڏهن سادگي جي عادت نه هوندي ته **حرام** جي طرف وڃڻ جو خطرو وڌي وڃي ٿو.
7. سادگي سان زندگي گذارڻ وارو ماڻهو ڪڏهن به **قرضدار** نه ٿيندو آهي.
8. سادگي سان زندگي گذارڻ وارو غرور ۽ **تڪبر** کان به بچيل رهي ٿو.
9. سادگي ۾ هر لحاظ کان **اطمينان** ۽ فائدو ئي فائدو آهي.

(3) **ٻن حصن کي پاڻ ۾ ملائي جملا مڪمل ڪريو.**

| | |
|---|---|
| گندو ۽ ميرو رهڻ هرگز سادگي نه پر | صاف سٿرو رهڻ ۽ لباس پائڻ جو حڪم ڏئي ٿو. |
| اسلام انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ | اجائي خرچ ۽ ڏيکاءَ کان منع ڪري ٿو. |
| اسلام صفائي ۽ پاڪيزگي جو دين آهي ۽ | کان بچڻ جو نالو سادگي آهي. |
| اسلام سڀني معاملن ۾ | صاف سٿرو رهڻ سادگي آهي. |
| زندگي ۾ تڪلف ۽ بناوت | سادي طريقي جي تعليم ڏئي ٿو. |

## (2) مجلس جا آداب

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: مجلس جي آدابن مان ڇا مراد آهي؟

جواب: مجلس عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي ويهڻ جي جاءِ، مجلس جي آداب مان مراد اها آهي ته جڏهن اسان ٻين سان گڏجي ويٺا هجون ته اسان کي ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي.

سوال2: دين اسلام اسان کي مجلس جي آداب جو ڪهڙو حڪم ڏئي ٿو؟

جواب: دين اسلام اسان کي تهذيب ۽ شائستگي جي تعليم ڏئي ٿو ۽ بد تهذيبي کان منع ڪري ٿو اسلام چاهي ٿو ته جڏهن ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهن ته ڪجهه اصولن جو خيال رکن ۽ انهن تي عمل ڪن.

سوال3: صحابہ ڪرام رضوان الله اجمعين جو مجلسن ۾ ويهڻ جو ڪهڙو ادب هوندو هو؟

جواب: صحابہ ڪرام رضوان الله اجمعين نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي مجلس ۾ انتهائي ادب ۽ خاموشيءَ سان ويهندا هئا ۽ توجهه سان ٻڌندا هئا. جيستائين نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جي ڳالهه پوري نه ٿيندي هئي تيستائين وچ ۾ نه ڳالهائيندا هئا.

سوال4: مجلس جي آدابن بابت شيخ سعدي ڇا ٿا فرمائين؟

جواب: شيخ سعدي فرمائين ٿا ته سٺي مجلس توهان کي نيڪ بڻائيندي ۽ خراب مجلس توهان کي خراب بڻائي ڇڏيندي.



سوال5: اسان هن سبق مان ڇا سکيو؟

جواب: اسان هن سبق مان اهو سکيو ته انسان کي هميشه سٺي مجلس ۾ سٺن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان خراب مجلس ۾ وينداسين ۽ خراب ماڻهن جي صحبت اختيار ڪنداسين ته اسان خراب چورائينداسين.

سوال6: مجلس جا آداب ڪهڙا آهن؟

جواب: اسان کي جيستائين ڪنهن مجلس ۾ وڃڻ جي دعوت نه ملي تيستائين ان ۾ نه وڃڻ گهرجي ۽ جڏهن به مجلس ۾ شريڪ ٿيون ته پهريون سلام ڪرڻ گهرجي. جتي جاءِ ملي اتي ئي ويهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو به ڳالهائي رهيو هجي ته خاموش ٿي ٻڌڻ گهرجي. مناسب وقت تي ڳالهائڻ گهرجي ۽ ڪا به اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي جنهن سان ماحول خراب ٿئي.

(2) **غور سان پڙهو سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو.**

1. مجلس فارسي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي ويهڻ جي جاءِ. **(نه)**
2. دين اسلام اسان کي تهذيب ۽ شائستگي جي تعليم ڏئي ٿو. **(ها)**
3. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ مجلسن کي باوقار پر سڪون ۽ ڪشادو ڪرڻ جو حڪم فرمائي ٿو. **(ها)**
4. سٺي مجلس ۾ نيڪي ۽ ڀلائي جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. **(ها)**

5. خراب مجلسن ۾ نيڪي ۽ ڀلائي جون ڳالهيون نہ ڪيون وينديون آهن. **(ها)**

6. خراب مجلسن ۾ خراب ماڻهن جي صحبت سان سنو اثر پوي ٿو. **(نہ)**

7. اسان کي جيستائين ڪنهن مجلس ۾ وڃڻ جي دعوت نہ ملي تيستائين نہ وڃڻ گهرجي. **(ها)**

8. جڏهن بہ ڪنهن مجلس ۾ شريڪ ٿجي تہ پهريون سلام ڪرڻ گهرجي. **(ها)**

9. جتي مشڪل سان جاءِ ملي اتي ويهڻ گهرجي. **(نہ)**

(3) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. مجلس **عربي** ٻوليءَ جو لفظ آهي.
2. شيخ **سعدي** فرمائين ٿا تہ سٺي مجلس توهان کي نيڪ بڻائيندي ۽ خراب مجلس توهان کي خراب بڻائي ڇڏيندي.
3. سٺي **مجلس** ۾ نيڪي ۽ ڀلائي جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن.
4. ان ڪري اسان کي سٺي **صحبت** اختيار ڪرڻ گهرجي.
5. **مجلس** ۾ ادب سان ويهڻ گهرجي.



## (3) وقت جي پابندي

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: الله تعاليٰ سموري ڪائنات کي وقت جو پابند ڇو بڻايو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ سموري ڪائنات کي وقت جو پابند ان ڪري بڻايو آهي تہ جيئن سموري ڪائنات جو نظام سٺي نموني هلي سگهي. جيڪڏهن هر شيءِ جو مقرر وقت نہ هجي تہ هي نظام بهتر نموني نہ ٿو هلي سگهي.

سوال2: اسلام اسان کي وقت جي باري ۾ ڇا سيکاري ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي هر ڪم وقت تي ڪرڻ سيکاري ٿو. جهڙي طرح ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پنهنجي وقت تي ادا ڪجي ٿي. رمضان جو روزا رمضان جي مهيني ۾ رکيا وڃن ٿا. حج پنهنجي مخصوص ڏينهن ۾ ادا ٿئي ٿو. عيدون اسان پنهنجن مقرر ڏينهن تي ملهائيندا آهيون. اسلام ۾ هر ڪم جو ڏينهن ۽ وقت مقرر آهي.

سوال3: اسان کي وقت تي ڪم ڇو ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي وقت تي ڪم انهيءَ ڪري ڪرڻ گهرجي تہ جيئن زندگيءَ ۾ آساني ميسر ٿئي اسان کي وقت تي اسڪول وڃڻ گهرجي. اسڪول جو ڪم روزانو وقت تي ڪرڻ گهرجي. وقت تي سمهڻ گهرجي. وقت تي اٿڻ گهرجي. تہ جيئن اسان جي زندگي آرام ۽ سڪون سان گذري.

سوال4: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وقت جا ڪيترا پابند هئا؟

جواب: اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وقت جا تمام گهڻا پابند هئا. جيڪو ڪم شروع ڪندا هئا اهو مڪمل ڪندا هئا. وعدي جي پابندي ڪندا هئا. نمازن جي وقت جي پابندي، رمضان ۾ سحري ۽ افطاري پنهنجي وقت تي ڪندا هئا. زڪوات جي ادائگي وقت تي مطلب سڀئي ڪم پنهنجي وقت تي ڪندا هئا.

سوال5: اسان هن سبق مان ڇا سکيو؟

جواب: اسان هن سبق مان اهو سکيو ته وقت کي ضايع ڪرڻ بدران ان کي مفيد بڻايون. اسان پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪمن لاءِ هڪ شيڊول ناهيون ته اسان کي ڪهڙي وقت اٿڻو آهي ڪهڙي مهل تيار ٿي اسڪول وڃڻو آهي ۽ ڪهڙي وقت واپس اچڻو آهي يا شام جو ڇا ڪرڻو آهي وغيره اهڙي طرح اسان جو وقت ضايع نه ٿيندو.

**(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ”ها“ يا ”نه“ ۾ ڏيو.**

1. ڇا الله تعاليٰ ڪائنات جي هر شيءِ کي وقت جو پابند بڻايو آهي؟ **(ها)**
2. ڇا اسلام به اسان کي هر عبادت پنهنجي وقت تي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو؟ **(ها)**
3. ڇا اسڪول ۾ پڙهڻ وارا ٻار وقت جي پابندي ڪندا آهن؟ **(ها)**
4. ڇا هر شاگرد کي وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي؟ **(ها)**



5. جيڪي ٻار پنهنجو گهرو ڪم روزانو نه ڪندا آهن اهي پڙهائي ۾ پوئتي رهجي ويندا آهن؟ **(ها)**
6. ڇا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وقت جي پابندي ڪندا هئا؟ **(ها)**
7. ڇا جيڪو وقت اسان ضايع ڪري ڇڏيو اهو واپس ملي سگهي ٿو؟ **(نه)**
8. ڇا وقت جي پابندي ڪرڻ وارو انسان هميشه ڪامياب رهندو آهي؟ **(ها)**
9. جيڪڏهن اسان هاڻي وقت جي پابندي ڪرڻ نه سکي ته سموري زندگي وقت جي پابندي نه ڪري سگهنداسين؟ **(ها)**

**(3) هيٺيان خال ڀريو.**

1. الله تعاليٰ ڪائنات جي هر شيءِ کي <u>وقت</u> جو پابند بڻايو آهي.
2. نمازن کي پنهنجي <u>وقت</u> تي ادا ڪرڻ گهرجي.
3. اسڪول جو ڪم روزانو <u>وقت</u> تي پورو ڪرڻ گهرجي.
4. جيڪي ٻار <u>وقت</u> تي ڪم نه ڪندا آهن اهي زندگي ۾ ڪامياب نه ٿا ٿي سگهن.
5. وقت جي پابندي ڪرڻ وارا هميشه زندگي ۾ <u>ڪامياب</u> رهندا آهن.

باب پنجون

# حسن معاشرت ۽ معاملات

## (1) ديانتداري

مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: الله تعاليٰ کي ٻانهن جي ڪهڙي عادت پسند آهي ۽ ايمانداريءَ جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: الله تعاليٰ کي پنهنجن ٻانهن جي جيڪا عادت سڀ کان وڌيڪ پسند آهي اها آهي ايمانداري ايمانداريءَ جو مطلب آهي ته انسان پنهنجو هر ڪم ايمان جي روشني ۾ ڪري.

سوال2: ايماندار ماڻهوءَ جون عادتون ڪهڙيون هئڻ گهرجن؟

جواب: جڏهن انسان هر معاملي ۾ ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو آهي ته اهو نه ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، نه ڪنهن کي دوکو ڏيندو ۽ نه ڪڏهن ڪنهن جي چوري ڪندو آهي. اهو هر وقت الله جو خوف رکندو آهي ته منهنجو رب مون کي ڏسي ٿو.

سوال3: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگيءَ مان ايمانداريءَ جو ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن سموري حياتي ايمانداريءَ سان گذاري. نبوت کان اڳ به ماڻهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي صادق ۽ امين چوندا هئا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن وٽ امانتون رکندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته جنهن ملاوٽ ڪئي اهو اسان منجهان نه آهي ۽ ٻئي هنڌ فرمايو ته جيڪو شخص امانتدار نه آهي ان جو



ڪو به مذهب نه آهي. ان ڳالهه مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته اسان کي پنهنجي زندگي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سنت تي عمل ڪندي نهايت ايمانداريءَ سان گذارڻ گهرجي.

سوال4: ايمانداريءَ جا فائدا بيان ڪريو.

جواب: ايمانداريءَ سان الله خوش ٿيندو آهي. ايمانداري سان ڪم ڪنداسين ته سنت تي به عمل ٿيندو ۽ معاشري ۾ به بهتري ايندي. ايمانداري سان ڪم ڪرڻ وارو ملڪ جو نالو روشن ڪري ٿو. ايماندار ماڻهوءَ کي معاشري ۾ عزت ملي ٿي. ماڻهن جو اعتماد هوندو آهي. ايماندار ماڻهو هر وقت الله جي عبادت ۾ مصروف رهندو آهي.

سوال5: بد ديانتي ۽ بي ايماني جا نقصان بيان ڪريو.

جواب: بي ايمان ماڻهو ڪڏهن به ايماندار نه ٿو ٿي سگهي ۽ ان جي دل ۾ خدا جو خوف نه هوندو آهي. بد ديانت ماڻهو ڪڏهن به سچو نه هوندو آهي. بي ايمان ماڻهو امانتدار نه هوندو آهي بي ايماني سبب معاشرو به خراب ٿئي ٿو ۽ ملڪ جو نالو به بدنام ٿئي ٿو.

(2) **غور سان پڙهو سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو.**

1. ڇا اسان سموري زندگي ايمانداريءَ سان گذاريندا سين؟ **(ها)**
2. ڇا اسان ارادو ڪريون ٿا ته ڪنهن کي به دوکو نه ڏينداسين؟ **(ها)**
3. ڇا اسان ارادو ڪريون ٿا ته ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائينداسين؟ **(ها)**

4. ڇا اسان ارادو ڪريون ٿا ته پنهنجي دل ۾ خوف خدا پيدا ڪنداسين؟ **(ها)**
5. جيڪڏهن اسان وٽ ڪو امانت رکي ته ان ۾ خيانت ڪنداسين؟ **(نه)**
6. ڇا اسان هميشه سچ ڳالهائينداسين ۽ سچ جو ساٿ ڏينداسين؟ **(ها)**
7. اسان انشاءَ الله ڪڏهن به چوري نه ڪنداسين؟ **(ها)**
8. ڇا اسان پنهنجو ڪم بد ديانتي سان ڪنداسين؟ **(نه)**

(3) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. ايماندار ماڻهو سان الله تعاليٰ **خوش** ٿئي ٿو.
2. الله تعاليٰ جو خوف رکندڙ ماڻهو ڪڏهن به **بي ايمان** نٿو ٿي سگهي.
3. ايماندار ماڻهو ڪڏهن به **ڪوڙ** ناهي ڳالهائيندو.
4. ايماندار ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن کي **دوکو** نه ڏيندو.
5. ايماندار ماڻهو پنهنجي ملڪ جو نالو **روشن** ڪري ٿو.



# (2) حقوق العباد (خلق جي خدمت)

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حقوق العباد مان ڇا مراد آهي؟

جواب: حقوق العباد مان مراد ٻانهن جا حق آهن. معاشري ۾ رهندي ماڻهن جا ٻين ماڻهن تي جيڪي حق لاڳو ٿين ٿا انهن کي حقوق العباد يعني ٻانهن جا حق چئجي ٿو.

سوال2: حقوق العباد ۾ ڪنهن ڪنهن جا حق شامل آهن؟

جواب: حقوق العباد ۾ والدين، مائٽن، پاڙيسرين، استادن، يتيمن، مسڪينن، بيواهن، دوستن وغيره جا حق شامل آهن.

سوال3: حقوق العباد ۾ سڀ کان پهريون حق ڪنهن جو آهي؟

جواب: حقوق العباد ۾ سڀ کان پهريون حق والدين جو آهي. والدين جو حق هي آهي ته اسان انهن جو ادب ڪريون ۽ انهن جو حڪم مڃيون.

سوال4: مائٽن جا ڪهڙا حق آهن؟

جواب: مائٽن جا حق هي آهن ته انهن سان سٺو سلوڪ ڪيو وڃي. مائٽن سان مضبوط تعلقات رکيا وڃن. سيني مائٽن جي هر خوشي ۽ غم ۾ لازمي شريڪ ٿيون ۽ جتي ضرورت هجي اتي مائٽن جي هر طرح جي مدد ڪريون.

سوال5: استادن جا حق ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙي طرح ادا ڪرڻ گهرجن؟

جواب: استادن جا حق هي آهن ته انهن جو تمام گهڻو ادب ڪيو وڃي،انهن جو حڪم مڃجي، ڏنل ڪم وقت تي مڪمل ڪجي، ڪلاس روم ۾ مڪمل توجهه پڙهائيءَ تي ڏيڻ گهرجي.

سوال6: دوستن جا ڪهڙا حق آهن؟

جواب: دوستن جا حق هي آهن ته انهن سان پيار ۽ محبت سان دوستي قائم رکجي ته جيئن ڪوبه جهيڙو نه ٿئي جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي ته معافي ونجي. دوستن کان ورتل شيءِ جلد صحيح سلامت واپس ڪجي.

سوال7: ماڻهن کي فائدو پهچائڻ واري بابت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڇا فرمايو آهي؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته ماڻهن مان سڀ کان ڀلو اهو آهي جيڪو ٻين کي فائدو پهچائي تو الله تعاليٰ به انهن ماڻهن کي پسند فرمائي ٿو جيڪي مخلوق جي ڪم اچن ٿا ۽ انهن ماڻهن کي ناپسند فرمائي ٿو جيڪي ماڻهن جي پرواهه نه ٿا ڪن ۽ انهن ماڻهن سان ناراض ٿئي ٿو جيڪي ٻين ماڻهن کي تڪليف پهچائين ٿا.

سوال8: خلق جي خدمت ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

جواب: خلق جي خدمت جو سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي ته الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ٿئي ٿو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سنت ادا ٿئي ٿي. اسلامي معاشري ۾ ڀائيچارو ۽ محبت وڌي ٿي.غريبن ۽ محتاجن جي مدد ٿيندي آهي.

(2) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. حقوق العباد مان مراد **ٻانهن** جا حق آهن.
2. الله تعاليٰ جي حقن کي حقوق **الله** چئبو آهي.
3. حقوق العباد ۾ سڀ کان پهريون حق **والدين** جو آهي.
4. يتيم جو خيال رکندڙ مون سان گڏ **جنت** ۾ هوندو.
5. جيڪو ٻين تي رحم نٿو ڪري الله تعاليٰ به ان تي **رحم** نه ٿو ڪري.



# (3) وطن سان محبت (ذميواري شهري)

مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: وطن سان محبت مان ڇا مراد آهي؟

جواب: وطن سان محبت مان مراد اها آهي ته جنهن شهر جنهن ملڪ ۾ اسان پيدا ٿياسين جتي اسان جي پرورش ٿي. انسان جي فطرت آهي ته اهو انسان ان جاءِ سان ان ملڪ ۽ شهر سان محبت ڪندو آهي.

سوال2: ڇا هڪ مسلمان هجڻ جي حيثيت سان به اسان کي وطن سان محبت ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جي ها بلڪل مسلمان هجڻ جي حيثيت سان به اسان جو مذهب اسلام اسان کي پنهنجي وطن سان محبت جو درس ڏئي ٿو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ به پنهنجي شهر مڪي سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا.

سوال3: اسان پنهنجي ملڪ پاڪستان سان ڪيتري محبت ڪريون ٿا؟

جواب: اسان پنهنجي ملڪ پاڪستان سان تمام گهڻي محبت ڪريون ٿا ڇو ته پاڪستان اسلام جي نالي تي ٺهيو ۽ هتي اسان مسلمان آزادي سان زندگي گذاريون ٿا.

سوال4: اسان کي پنهنجي ملڪ جي ڪهڙي طرح حفاظت ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي پنهنجي ملڪ پاڪستان جي هر حال ۾ حفاظت ڪرڻ گهرجي. اسان جي فوج پنهنجي ملڪ جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار رهندي آهي ۽ اسان کي پنهنجن دفاعي ادارن سان ڀرپور تعاون ڪرڻ گهرجي.

سوال5: اسان پنهنجي ملڪ جو نالو ڪهڙي طرح روشن ڪري سگهون ٿا؟

جواب: دنيا ۾ نالو روشن ڪندڙ ڪيترن ئي ماڻهن جو تعلق اسان جي ملڪ پاڪستان سان آهي. هن ملڪ ۾ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون ۽ مدرسا موجود آهن. اسان جي ملڪ جي فوج دنيا جي بهترين دفاعي صلاحيت رکي ٿي. اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ هنرمند ماڻهو دنيا ۾ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. اسان به خوب محنت ڪري پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهون ٿا.

(2) **غور سان پڙهو سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو.**

1. انسان جي فطرت آهي ته اهو جتي پيدا ٿيندو آهي ان شهر ۽ ان ملڪ سان پيار ڪندو آهي. **(ها)**
2. اسان جو ملڪ پاڪستان ۽ ان جي زمين اسان جي ماءُ وانگر آهي ۽ اسان ان سان محبت ڪريون ٿا. **(ها)**
3. اسان هر وقت پنهنجي مالڪ پاڪستان جي دل ۽ جان سان حفاظت ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهيون. **(ها)**
4. اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ مڪي شريف ۾ ڄاوا ۽ مڪي شهر سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. **(ها)**
5. اسان پنهنجي پاڪستان جي ترقي لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪنداسين. **(ها)**



6. اسان کي پاڪستان بي شمار قربانين کان پوءِ مليو آهي ڇا اسان کي پنهنجي وطن جو قدر ڪرڻ گهرجي؟ **(ها)**
7. اسان کي پنهنجي وطن جي ترقي لاءِ خوب محنت ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. **(ها)**

(3) **مناسب لفظن سان خال ڀريو.**

1. اسان جو ملڪ پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي **قائداعظم محمد علي جناح** جي اڳواڻي ۾ حاصل ٿيو.
2. انساني فطرت آهي ته اهو جتي پيدا ٿيندو آهي ان شهر ان ملڪ سان **محبت** ڪندو آهي.
3. اسان جو ملڪ پاڪستان ۽ ان ملڪ جي زمين اسان جي **ماءُ** وانگر آهي.
4. اسان پنهنجي ملڪ جي ترقي لاءِ دل ۽ جان سان **ڪوشش** ڪندا آهيون.
5. اسان جو ملڪ پاڪستان اسان جي لاءِ الله تعاليٰ جي هڪ بهترين **نعمت** آهي.
6. هن ملڪ ۾ رهڻ وارا پاڪستاني پاڻ ۾ **ڀائر** آهن.

**باب ڇهون**

# هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير

## (1) حضرت ابراهيم عليه السلام

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت ابراهيم عليه السلام جولقب ڇا هو؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب خليل الله هو.

سوال2: حضرت ابراهيم عليه السلام ڪٿي پيدا ٿيا؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام عراق جي شهر "ار" ۾ پيدا ٿيا.

سوال3: حضرت ابراهيم عليه السلام بت ڇو ڀڳا؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام ننڍپڻ کان ئي بتن کان نفرت ڪندا هئا انڪري انهن کي ڀڳائون.

سوال4: جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام جي شڪايت ڪٽي ماڻهو بادشاهه نمرود ڏانهن ويا ته بادشاهه ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

جواب: بادشاهه حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهه ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڏنو پر الله تعاليٰ پاڻ عليه السلام کي باهه کان محفوظ رکيو.

سوال5: حضرت اسماعيل عليه السلام جي قرباني جو واقعو بيان ڪريو؟

جواب: حضرت ابراهيم عليه السلام کي خواب ۾ حضرت اسماعيل عليه السلام جي قرباني جو حڪم مليو. حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي خواب بابت ٻڌايو ۽ ٻئي مڪي کان نڪري



منيٰ طرف آيا. حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت اسماعيل عليه السلام کي الله تعاليٰ جي راهه ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ليٽايو ۽ ڇري وهائڻ لڳو ته جنت مان حضرت جبرائيل عليه السلام هڪ گهيٽو ڪٽي آيا ۽ گهيٽي جي قرباني پيش ڪئي . اسان مسلمان هر سال ان ڏينهن الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ قرباني پيش ڪندا آهيون.

سوال6: ڪعبة الله جي تعمير بابت توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

جواب: الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت اسماعيل عليه السلام سان گڏجي ڪعبة الله جي تعمير ڪئي. اڄ سموري دنيا جا مسلمان بيت الله ڏانهن منهن ڪري نماز ادا ڪندا آهن. هر سال حج ڪندا آهن ۽ ڪعبة الله جو طواف ڪندا آهن.

(2) **غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب "ها" يا "نه" ۾ ڏيو.**

1. حضرت ابراهيم عليه السلام الله تعاليٰ جا نهايت پيارا نبي هئا ۽ انهن جو لقب ڪليم الله هو. **(نه)**
2. حضرت ابراهيم عليه السلام جنهن ملڪ ۾ پيدا ٿيو اتان جو بادشاهه نمرود هو جيڪو پاڻ کي خدا چوندو هو. **(ها)**
3. حضرت ابراهيم عليه السلام سيني بتن کي ڀڳو ۽ چوڻ لڳو جن بتن جي توهان پوڄا ڪريو ٿا اهي پنهنجي حفاظت نه ٿا ڪري سگهن ۽ توهان جي ڇا ڪندا؟ **(ها)**
4. نمرود بادشاهه حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهه ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ عليه السلام باهه کان محفوظ رهيا. **(ها)**

5. حضرت ابراهيم عليه السلام جي پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ ان جي والده جي برڪت سان زم زم جو چشمو جاري ٿيو. **(ها)**

**(3) هيٺيان خال پريو.**

1. حضرت ابراهيم عليه السلام عراق جي شهر **ار** ۾ پيدا ٿيا.
2. حضرت ابراهيم عليه السلام کي ننڍپڻ کان ئي بتن کان **نفرت** هئي.
3. حضرت ابراهيم عليه السلام هڪ ڏينهن ماڻهن جي غير موجودگيءَ ۾ سيني بتن کي **ڀڃيو**.
4. حضرت ابراهيم عليه السلام چيو ته جڏهن هي بت پنهنجي حفاظت نه ٿا ڪري سگهن ته توهان جي ڪهڙي **مدد** ڪندا.
5. حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت اسماعيل عليه السلام کي الله تعاليٰ جي راهه ۾ **قربان** ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو.
6. حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت اسماعيل عليه السلام سان گڏجي **بيت الله** جي تعمير ڪئي.
7. حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب **خليل الله** هو.



## (2) حضرت موسيٰ عليه السلام

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت موسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ ڪهڙي قوم ڏانهن نبي بڻائي موڪليو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ مصر ۾ بني اسرائيل ڏانهن موڪليو ته جيئن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏين ۽ فرعون کان نجات ڏيارين.

سوال2: حضرت موسيٰ عليه السلام جي پيدائش ۽ پرورش بابت توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام جي پيدائش وقت فرعون حڪم ڪيو هو ته بني اسرائيل ۾ جيڪو به ڇوڪرو پيدا ٿئي ته ان کي قتل ڪيو وڃي. سندن والده پريشان هئي ان حضرت موسيٰ عليه السلام کي صندوق ۾ بند ڪري درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو ۽ اها صندوق بادشاهه فرعون جي راڻي درياهه مان ڪيرائي ۽ ٻار کي پاڻ وٽ رکيو. اهڙي طرح حضرت موسيٰ عليه السلام بادشاهه جي محل ۾ شهزادن وانگر پليو ۽ اها خدا جي حڪمت هئي.

سوال3: حضرت موسيٰ عليه السلام جي جواني بابت توهان کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين فرعون جي محل ۾ گذاريو ۽ فرعون جي ظلم کي ويجهو کان ڏٺو ۽ فرعون جي خدائي دعويٰ کي به ڏٺو حضرت موسيٰ عليه السلام مصر کان هجرت ڪري مدين هليا ويا. ڏهه سال مدين ۾ رهيا ۽ پوءِ واپس مصر طرف روانا ٿيا

رستي ۾ فلسطين ۾ طور جبل تي ڪين نبوت ملي ۽ الله تعاليٰ سان هم ڪلام ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ ڪليم الله جو لقب مليو ۽ بي شمار معجزا بہ عطا ٿين.

سوال4: حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي قوم ۽ فرعون کي ڪهڙي طرح اسلام جي دعوت ڏني؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ۾ واپس آيا ۽ بني اسرائيل کي اسلام جي دعوت ڏنائون ۽ فرعون جي دربار ۾ اسلام جي دعوت ڏني پر فرعون تڪبر ۽ فخر ۾ دعوت کي ٺڪرائي ڇڏيو.

سوال5: حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڪهڙا ڪهڙا معجزا عطا ڪيا ويا هئا؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام کي هڪ لٺ يعني عصا ڏني وئي هئي جنهن مان پاڻ ڪيترائي ڪم وٺندا هئا.هٿ جو معجزو عطا ڪيو ويو. الله تعاليٰ سان ڪلام ڪندا هئا ڪين ڪليم الله جو لقب مليو. مئلن کي زنده ڪرڻ جو معجزو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي معجزا عطا ڪيا ويا هئا.

سوال6: مصر جي بادشاهه فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام مان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪهڙو مقابلو ڪرايو؟

جواب: مصر جي بادشاهه فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام تي جادوگر هجڻ جو الزام هنيو. فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام جي معجزن جي مقابلي ۾ 80 هزار جادوگر هڪ ميدان ۾ جمع ڪيا ۽ جادوگرن پنهنجي جادو سان رسي مان نانگ ٺاهيا ۽ ڪاٺين سان بہ جادو ڏيکاريو. حضرت موسيٰ عليه السلام الله جي حڪم سان پنهنجي عصا کي نانگن جي وچ ۾ ڇڏيو تہ اها هڪ وڏو نانگ بڻجي پئي ۽



سمورن نانگن کي کائي چٽ ڪري ڇڏيائين. اهو ڏسي جادوگر سمجهي ويا تہ هي جادو نہ پر معجزو آهي. اهو معجزو ڏسي سيئي جادوگر مسلمان ٿيا ۽ اهڙي طرح فرعون کي شڪست ٿي.

سوال7: حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان پنهنجي قوم بني اسرائيل کي وٺي مصر مان ڇو نڪري ويا؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان پنهنجي قوم بني اسرائيل کي وٺي مصر مان انڪري نڪتا ڇو تہ فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيل وارن جو دشمن ٿي ويو هو. حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل وارن کي وٺي سينا جي بيابان طرف روانو ٿيو. رستي ۾ سمنڊ هو. حضرت موسيٰ عليه السلام الله جي حڪم سان سمنڊ ۾ پنهنجي عصا هنئي، جنهن سان سمنڊ ۾ رستو ٺهي پيو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ ان جي قوم سمنڊ پار ڪري وئي. پويان فرعون پنهنجي فوج سميت سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي وٺي سينا بيابان طرف روانو ٿي ويو.

سوال8: سينا بيابان بابت توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: سينا بيابان ۾ نہ کائڻ لاءِ ڪجهه هو ۽ نہ پيئڻ لاءِ پاڻي. حضرت موسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان پٿر تي عصا هنئي تہ ان مان پاڻي جا 12 چشما جاري ٿي ويا.

الله تعاليٰ ڪان دعا گهريائون ته آسمان مان بي شمار نعمتون نازل ٿيون ۽ ڪڪر انهن جي قوم مٿان ڇانوَ ڪندا هئا.

سوال9: الله تعاليٰ بني اسرائيل لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام تي ڪهڙو آسماني ڪتاب نازل ڪيو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام تي آسماني ڪتاب توريت نازل ٿيو.

سوال10: هن سبق مان اسان ڇا سکيو؟

جواب: هن سبق مان اسان کي معلوم ٿيو ته دنيا ۾ الله تعاليٰ طرفان ٻانهن کي ڪجهه اختيار ملن ٿا ۽ ڪجهه ڍر ڏني ويندي آهي پر انسان اهو ڀلجي ويندو آهي ته سڀ ڪجهه الله طرفان عطا ڪيل آهي. اصل قوت ۽ طاقت جو مالڪ الله تعاليٰ آهي. انسان جو امتحان ورتو ويندو آهي. هميشه الله تعاليٰ جي رضا ۽ راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ خلق جي خدمت ڪرڻ گهرجي.



## (3) حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا پيارا اصحابي ۽ اسلام جا ٻيو نمبر خليفا ۽ جن ڏهن ماڻهن کي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جنت جي بشارت ڏني هئي، انهن مان هڪ هئا.

سوال2: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي والد ۽ والده جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي والد جو نالو خطاب ۽ والده جو نالو خنتمه هو.

سوال3: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي فاروق جو لقب ڪنهن ڏنو ۽ ان جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي فاروق جو لقب حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ عطا فرمايو. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جڏهن اسلام آندو ته اسلام ۽ مسلمانن کي وڏي قوت ۽ طاقت ملي. فاروق جو مطلب آهي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ.

سوال4: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي حڪومت جو عرصو ڪيترو هو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام جا ٻيو نمبر خليفا مقرر ٿيا ۽ ساڍن ڏهن سالن تائين خليفا رهيا. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي خلافت جي دور ۾ اسلامي

حڪومت ساڍا ٻاويهه لک چورس ميلن تائين پکڙجي وئي ۽ اسلامي حڪومت روم، ايران، هندستان ۽ آفريڪا تائين پهتي هئي.

سوال5: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ خلافت جي دور ۾ ڪهڙا قدم کنيا ويا؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي دور ۾ اسلامي حڪومت ڪيترين ئي فتحون حاصل ڪيون ۽ سندن حڪومت ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪيو ويو. عدالتون قائم ٿيون، جج مقرر ٿيا، فوجي ڇانوڻيون ٺهيون، پوليس جو نظام قائم ٿيو، ٽپال جو نظام قائم ٿيو، جيل خانا ٺهيا ۽ ٻيون به ڪيترين ئي خدمتون سرانجام ڏنيون ويون.

سوال6: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وفات ڪڏهن ٿي ۽ ڪين ڪٿي دفنايو ويو؟

جواب: حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي پهرين محرم الحرام 24 هجري ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ کين مسجد نبوي ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي روضي اطهر ۾ دفنايو ويو.

### (2) هيٺيان خال ڀريو:

1. اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ اسلام جا **سخت** مخالف هئا.
2. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ مسلمانن جا **ٻيو نمبر** خليفا مقرر ٿيا.
3. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي اسلام آڻڻ ڪانپوءِ مسلمانن جي **همت** ۽ قوت ۾ واڌارو ٿيو.



4. حضرت عمر فاورق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ ئي **جنت** جي بشارت ڏئي ڇڏي هئي.
5. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن دعا گهري ته **عمر** جي ذريعي اسلام کي غلبو عطا فرماءِ.
6. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي هڪ سازش تحت **شهيد** ڪيو ويو.
7. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي شهادت **پهرين محرم** 24 هجري تي ٿي.
8. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جي **روضي اطهر** ۾ دفن ڪيو ويو.

## (4) حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام جو ڪهڙو نمبر خليفا مقرر ٿيا؟

جواب: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ، حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان پوءِ اسلام جا ٽيان خليفا مقرر ٿيا.

سوال2: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ذوالنورين ڇو چيو ويندو آهي؟

جواب: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي نڪاح ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جون ٻه نياڻيون حضرت رقيه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا ۽ ان جي وفات کانپوءِ حضرت ام ڪلثوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا آيون تنهنڪري کين ذوالنورين يعني ٻن نورن وارو چيو ويندو آهي.

سوال3: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي غني ڇو چيو ويندو آهي؟

جواب: غني جو مطلب آهي سخاوت ڪندڙ. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اسلام جي راهه ۾ تمام گهڻي مال ۽ دولت قربان ڪندا هئا. مديني منوره ۾ مٺي پاڻي جو کوهه خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون، غزوه تبوڪ جي موقعي تي تمام گهڻو مال ۽ دولت پيش ڪيائون ۽ ٻين به ڪيترن ئي موقعن تي اسلام لاءِ پنهنجون خدمتون ڏنائون.



سوال4: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي خلافت ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪم سرانجام ڏنا؟

جواب: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خلافت جو دور ٻارهن سال رهيو ۽ انهي دوران اسلامي رياست تمام گهڻي وسيع ٿي وئي ۽ مستحڪم به رهي ڪيترائي ملڪ فتح ٿيا ۽ مسلمان دنيا ۾ پهريون ڀيرو بحري طاقت بڻجي اڀريا، مسجد الحرام ۽ مسجد نبوي کي وسيع ڪيو ويو ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪم سرانجام ڏنا ويا.

سوال5: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي جامع القرآن ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

جواب: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي جامع القرآن ان ڪري سڏيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته سندن خلافت جي دور ۾ قرآن پاڪ کي ڪتابي شڪل ۾ قريشي لهجي ۾ ترتيب ڏنو ويو ۽ رائج ڪيو ويو. ان کي خط عثماني به چيو ويندو آهي.

سوال6: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهادت جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

جواب: حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وفات 2 ذوالحج سن 35 هجري ۾ مديني منوره ۾ ٿي ۽ کين جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

**(2) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعالٰی عَنۀُ جي والد جو نالو ______ هو.
(الف) خطاب ✓ (ب) عفان (ج) عوف (د) ابوطالب

2. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعالٰی عَنۀُ قريش جي خاندان ______ سان تعلق رکندا هئا.
(الف) بنو عباس ✓ (ب) بنو اميہ
(ج) بنو عدي (د) بنو هاشم

3. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعالٰی عَنۀُ کي ______ جو لقب بہ عطا ڪيو ويو.
(الف) فاروق (ب) صديق
(ج) حيدر ✓ (د) ذوالنورين

4. حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعالٰی عَنۀُ اسلام جا ______ خليفا مقرر ٿيا.
(الف) پهريان (ب) ٻيا
✓ (ج) ٽيان (د) چوٿان

5. شهادت جي وقت حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعالٰی عَنۀُ جي عمر مبارڪ _____ سال هئي.
(الف) 80 (ب) 81
✓ (ج) 82 (د) 83



باب ستون

# اسلامي تعليم ۽ حاضر وقت جون ضرورتون

## (1) صفائي جي ضرورت ۽ اهميت

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: صفائي ۽ پاڪائي جو صحت سان ڪهڙو تعلق آهي؟
جواب: صفائي ۽ پاڪائي جو صحت سان تمام گهرو تعلق آهي. صحتمند رهڻ لاءِ ضروري آهي تہ صفائي سترائي کي پنهنجي زندگي جي عادت بڻائجي. جيڪو ماڻهو پاڪ صاف نہ ٿو رهي اهو بيمار ٿي پوندو آهي.

سوال2: پنهنجي ماحول کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ هڪ مسلمان تي ڪهڙي ذميواري آهي؟
جواب: هڪ مسلمان جي حيثيت سان اسان جي اها ذميواري آهي تہ پنهنجي گهر، محلي، اسڪول ۽ ڪلاس روم جي ماحول کي صاف سٿرو رکون. گهرن جي ٻاهران محلي ۽ گهٽي کي صاف سٿرو رکون. گند ڪچرو ڦٽو نہ ڪريون تہ جيئن ماحول صاف سٿرو بڻجي.

سوال3: صفائي اڌ ايمان آهي ان جي باري توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟
جواب: صفائي اڌ ايمان آهي ان جو مطلب اهو آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿئي پر پنهنجي بدن کي صاف سٿرو نہ رکي تہ ان جو ايمان مڪمل نہ ٿو ٿي سگهي.

سوال4: مسلمان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا ڪيئن پاڪ صاف رهندو آهي؟
جواب: مسلمان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا نماز پڙهڻ لاءِ وضو ڪندو آهي پنهنجا ڪپڙا پاڪ صاف رکندو آهي پنهنجن وارن کي

ڦٽي ڏيندو آهي پنهنجن ننهن کي وڌڻ نه ڏيندو آهي ۽ پنهنجن ڏندن کي به صاف رکندو آهي.

سوال5: طهارت ۽ صفائي جي باري ۾ توهان کي ڪهڙي خبر آهي؟

جواب: دين اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي طهارت ۽ صفائي جو حڪم ڏئي ٿو. اسلام اسان کي اها تعليم ڏئي ٿو ته انسان جو جسم لباس ۽ گهر صاف سٿرو هجڻ گهرجي.

سوال6: نجاست يعني ناپاڪي جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

جواب: نجاست جي معنيٰ ناپاڪي ۽ گندگي آهي. طهارت ۽ پاڪائي لاءِ ضروري آهي ته اسان کي نجاست جي باري ۾ علم هجي، خون، پيشاب، پاخانو، الٽي اهڙي طرح جانورن جو پيشاب، پاخانو وغيره اهي سڀ شيون ناپاڪ آهن.

## (2) پيارا ٻارو ڇا توهان صفائي جو خيال رکندا آهيو؟ "ها" يا "نه" ۾ جواب ڏيو.

1. ڇا توهان کاڌو کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ هٿ ڌوئيندا آهيو؟ **(ها)**
2. ڇا واش روم کان فارغ ٿي ڪري سني نموني هٿ ڌوئيندا آهيو؟ **(ها)**
3. ڇا توهان پنهنجا ڪپڙا پاڪ صاف رکندا آهيو؟ **(ها)**
4. ڇا توهان پنهنجي گهر ۽ ڪمري کي صاف سٿرو رکندا آهيو؟ **(ها)**
5. پنهنجي گهر ۽ محلي جي صفائي جو خيال رکندا آهيو؟ **(ها)**
6. ڇا توهان پنهنجن ننهن ۽ وارن جو خيال رکندا آهيو؟ **(ها)**



7. ڇا توهان پنهنجن ڏندن جي روزانو صفائي ڪندا آهيو؟ **(ها)**
8. ڇا توهان پنهنجو پاڻ کي ٻاهر کان صاف سٿرو رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اندر کي به صاف رکندا آهيو؟ **(ها)**
9. ڇا توهان ڪڏهن پنهنجي ذات مان ڪنهن کي تڪليف ته نه ڏني آهي؟ **(نه)**
10. ڇا ڪڏهن ڪنهن سان ڪوڙ ته نه ڳالهائيندا آهيو؟ **(نه)**
11. ڇا ڪڏهن ڪنهن سان وعدي خلافي ته نه ڪندا آهيو؟ **(نه)**
12. ڇا توهان حسد، غيبت، چغلي وغيره کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو؟ **(ها)**

# (2) پاڻي جي اهميت

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: پاڻيءَ جي ضرورت جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

جواب: پاڻي الله تعاليٰ جي عظيم نعمتن مان هڪ نعمت آهي. هر انسان، جانور، پکي، جيت، ٻوٽي وغيره کي زنده رهڻ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. پاڻي کان بغير زندگي قائم نه ٿي رهي سگهي.

سوال2: اسان کي روزانو پاڻي جي ضرورت ڇو محسوس ٿئي ٿي؟

جواب: اسان کي روزانو پاڻي جي ضرورت انڪري محسوس ٿئي ٿي ڇو ته انسان کي پيئڻ جي پاڻي سان گڏوگڏ ڪاڌو پچائڻ لاءِ، ٿانو ڌوئڻ لاءِ، ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ، گهر، محلي ۽ شهر کي صاف رکڻ لاءِ پاڻي جي ضرورت هوندي آهي.

سوال3: پاڻي الله تعاليٰ جي ڪيتري وڏي نعمت آهي ۽ اسان تائين ڪيئن پهچي ٿو؟

جواب: پاڻي الله تعاليٰ جي ايتري وڏي نعمت آهي جو اسان ان جو جيترو شڪر ادا ڪريون اوترو گهٽ آهي ۽ اها الله تعاليٰ جي ذات آهي جيڪا اهو نظام هلائي ٿي ته جتي پاڻي جي ضرورت هجي اتي مهيا ڪرڻ. اهو منهنجي رب جو شان آهي.

سوال4: پاڪ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي پاڻي ضايع نه ڪرڻ بابت ڇا فرمايو؟

جواب: پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي وضو ڪندي ڏسي فرمايو ته پاڻي جو اسراف يعني



ضايع نه ڪر ته حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو ته ڇا وضو ۾ به اسراف آهي؟ پاڪ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته ها توڙي جو تون وهندڙ ندي تي هجين.

سوال5: ماڻهن کي پاڻي پيئارڻ بابت پاڪ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ، حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڇا فرمايو؟

جواب: حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي والده جي انتقال بعد نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪين پاڻي جو کوهه ماڻهن لاءِ وقف ڪرڻ جي ترغيب ڏني ته جيئن ماڻهو پاڻي پيئندا ته ان جو ثواب حضرت سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي والده کي ملندو.

سوال6: اڄو ته گڏجي اهو عهد ڪريون ته اسان پاڻيءَ کي کهڙي طرح ضايع نه ڪنداسين؟

جواب: اسان جو ملڪ پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ اسان کي پاڻيءَ جي اشد ضرورت آهي. اسان پنهنجن درياهن ۽ ندين کي صاف سٿرو رکنداسين ۽ پاڻيءَ کي ضايع ٿيڻ نه ڏينداسين. صرف ايترو استعمال ڪنداسين جيتري ضرورت هوندي ۽ اسان الله تعاليٰ جي هن نعمت جو قدر ڪنداسين.